آن لائين
# ڪاوش
# دنيا
آچر 12 جولاءِ 2026ع
www.thekawish.com - facebook.com/kawishdunya




## وري ويڙهه شروع

## دنيا ۾ پکڙيل سنڌي

### هِن پرچي جا ليکڪ

حبيب سنائي، مصطفيٰ ٽانگراج
الهه بخش راٺوڙ، نويد سنڌيلو
صوفيه قريشي، حبيب ساجد
عرفان هارون، فوزيه سنڌيلو
گدا حسين بخاري، ديدار معصوم
قربان منگي

### شاعري

وسيم سومرو، نصير سومرو
ساقي ابڙو، راحت نياز پٺو،
امر آفتاب سومرو
صائمه سومرو،
ساگر صفي الله شر

### ڪهاڻي

علي لاشاري

## ’اجرڪ منهنجي انتهائي قيمتي لباس مان هڪ آهي‘ _ فضيله قاضي

# ايران ۽ آمريڪا ۾ وري ويڙهه شروع




الهه بخش راٺوڙ

هرمزلنگهه مان پار ٿيندڙ قطر ۽ سعودي عرب جي تيل جي جهازن تي فائرنگ جي واقعي آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ امن ٺاهه کي داءُ تي لڳائي ڇڏيو آهي. ٻنهي ڌرين ۾ ڳالهين جي جاري رهڻ جي باوجود 14 نقاطي ٺاهه ڊيڊ بادي ٿي ويو آهي.

پهريان آمريڪي صدر ٽرمپ امن ٺاهه ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو، ان بعد ايران بہ ساڳي ڳالهه ورجائي. ٻنهي ملڪن الزام مڙهيا آهن تہ، ٺاهه جي ڀڃڪڙي ٻي ڌر ڪئي. ايران جو چوڻ آهي تہ هن هرمزلنگهه ۾ جيڪو محفوظ رستو فراهم ڪيو آهي، ان جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي جهازن تي فائرنگ ڪئي وئي. آمريڪا چاهي ٿو تہ هرمزلنگهه تان ايراني ڪنٽرول هر صورت ۾ ختم ٿئي، تہ جيئن ايران امن ڳالهين ۾ پنهنجو موقف مڃرائڻ ۾ ڪامياب نہ ٿئي. آمريڪي ٿنڪ ٽينڪ بہ ٽرمپ انتظاميا کي مشورو ڏئي پئي تہ اهو هرمزلنگهه جو ڪنٽرول سنڀالي وٺي تہ جيئن ايران ان پوزيشن ۾ نہ رهي تہ اهو پنهنجي مرضيءَ جا فيصلا ڪري سگهي.

ميڊيا ذريعن مطابق آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنگبندي ختم ٿيڻ بعد سفارتي صورتحال انتهائي نازڪ موڙ تي پهتل آهي، جنهن سبب ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي. واضح رهي تہ جون 2026 دوران پاڪستان جي ٿياڪڙيءَ جي نتيجي ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي هئي، جنهن کي اسلام آباد ميمورنڊم آف انڊراسٽينڊنگ چيو وڃي ٿو. 14 نقاطي عارضي فريم ورڪ تحت ٻنهي ملڪن جنگبندي، ايران جو گهيرو ختم ڪرڻ ۽ هرمزلنگهه کي واپاري جهازن لاءِ ٻيهر کولڻ تي اتفاق ڪيو هو. ان ٺاهه تحت ايران کي عارضي طور تي تيل وڪرو ڪرڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ مستقل امن لاءِ 60 ڏينهن جو وقت طئي ڪيو ويو.

جون ۾ ڪيل ٺاهه، جولاءِ جي شروع ۾ ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. هرمزلنگهه ۾ 6 ۽ 7 جولاءِ تي جهازن تي فائرنگ جا واقعا سامهون آيا، جنهن بعد آمريڪا انتهائي ڀرائيءَ جو مظاهرو ڪندي ايران جي فوجي اثاثن تي حملن لاءِ حڪم جاري ڪيا ۽ جنگبندي ختم ڪرڻ جو اعلان بہ ڪري ڇڏيو. معاملو ايستائين ختم نہ ٿيو، آمريڪي ناڻي جي وزارت وري ايران کي تيل وڪرو ڪرڻ لاءِ جيڪا عارضي رعايت ڏني هئي، اها بہ فوري طور تي ختم ڪئي وئي. آمريڪا ايران تي فضائي حملا بہ ڪيا. ايران بہ جوابي ڪارروائي ڪندي قطر ۽ ڪويت ۾ آمريڪي فوجي اڏن کي نشانو بڻايو.

ميڊيا ذريعن مطابق آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ جنگبندي ختم ٿيڻ بعد سفارتي صورتحال انتهائي نازڪ موڙ تي پهتل آهي، جنهن سبب ڇڪتاڻ ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي. ايران پهريان ئي چئي ڇڏيو آهي تہ، ان آمريڪا کي امن ڳالهيون ٻيهر شروع ڪرڻ جي ڪابہ درخواست نہ ڪئي آهي. آمريڪي پاڻ چاهين ٿا تہ ڳالهيون ٿين.

آمريڪا، عمان ۾ ٿيندڙ ڳالهين دوران ايران تي زور پريو تہ اهو عوامي سطح تي بيان ڏئي تہ هرمزلنگهه کليل آهي ۽ اهو واپاري جهازن تي فائرنگ بند ڪرڻ جو واعدو ڪري. آمريڪي اها پروپئگنڊا بہ ڪري رهيا آهن تہ ايراني حڪومت کين ٻڌايو آهي تہ هرمزلنگهه ۾ سعودي ۽ قطري جهازن تي فائرنگ ايران جي انتها پسند گروپ ڪئي، جيڪو نٿو چاهي تہ آمريڪا ۽ ايران ۾ جنگبندي قائم رهي.

هاڻ سوال اهو آهي تہ، جيڪڏهن آمريڪا کي اها خبر آهي تہ هرمزلنگهه ۾ ايران جي انتهاپسند گروپ فائرنگ ڪئي تہ ان جواب ۾ ايران تي حملو ڇو ڪيو؟ ٽرمپ کي صبر جو مظاهرو ڪرڻ گهربو هو، پر ائين نہ ڪيو ويو، جنهن مان سمجهي سگهجي ٿو تہ آمريڪا بہ نٿو چاهي تہ امن ٺاهه قائم رهي. ان پنهنجي مٿيرائپ برقرار رکڻ لاءِ ايران جي حساس هنڌن کي نشانو بڻايو آهي.

ٻئي طرف ايراني پرڏيهي وزير عباس عراقچي جو چوڻ آهي تہ، ان جي ملڪ جنگبنديءَ جي حوالي سان پنهنجو واعدو پورو ڪيو. هن سوشل ميڊيا ايڪس تي لکيو تہ، آمريڪا امن ٺاهه جي ڀڃڪڙي ڪئي آهي. آمريڪي ميڊيا، خاص ڪري بي بي سي جي پارٽنر، سي بي ايس نيوز اها پروپئگنڊا ڪئي تہ هرمزلنگهه ۾ جهازن تي فائرنگ ايران جي انتهاپسندن ڪري، ٺاهه کي سبوتاز ڪيو، انڪري ٽرمپ انتظاميا چاهي ٿي تہ ايران غلطيءَ جو اعتراف ڪري ۽ چئي تہ، ان کان غلطي ٿي وئي، جنهن بعد هو ڳالهيون جاري رکندا.

ايران پهريان ئي چئي ڇڏيو آهي تہ، ان آمريڪا کي امن ڳالهيون ٻيهر شروع ڪرڻ جي ڪابہ درخواست نہ ڪئي آهي. آمريڪي پاڻ چاهين ٿا تہ ڳالهيون ٿين، انڪري عمان ۾ ٿيل ڳالهين ۾ آمريڪي نائب صدر جي ڊي وينس، پرڏيهي وزير مارڪو روبيو، وچ اوڀر جي معاملن ۾ دلچسپي رکندڙ اهم شخصيتن خاص ايلچي وٽڪوف ۽ ٽرمپ جي ناٺي جيرڊ ڪشنر کي ڳالهين لاءِ موڪليو ويو. اها بہ اهم ڳالهه آهي تہ قطر جو هڪ وفد بہ ايران ۾ پهتل آهي، جيڪو ٻنهي ملڪن ۾ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. ان ملاقات جو مقصد هرمزلنگهه ذريعي سامونڊي جهازن جي اچ وڃ کي آسان بڻائڻ آهي.

هاڻ ٽرمپ هڪ ٻي ڳالهه بہ ڪري رهيو آهي، ۽ اها اِها آهي تہ ايران جي سپريم ليڊر جي آخري رسمن دوران آمريڪي صدر کي قتل ڪرڻ جون ڳالهيون ڪيون ويون. ايترو تہ ميڊيا ۾ بہ آيو تہ، ايران جي پاسداران انقلاب اها ڳالهه ڪئي تہ هو پنهنجي ليڊر جو بدلو وٺندا. پر هاڻ ٽرمپ چئي رهيو آهي تہ، ڪيس قتل ڪرڻ جي سازش تيار ڪئي وئي آهي. ٽرمپ ايستائين بہ چيو تہ هو شروع کان ايران جي هٽ لسٽ جي پهرين نمبر تي آهي. هن کان پڇيو ويو تہ، اها اسرائيل جي رپورٽ آهي تہ، آمريڪي صدر انتهائي آپي نڪرندي چيو تہ، نہ، نہ، اها رپورٽ اسرائيل جي ناهي. هن وٽ اهڙيون انٽيليجنس رپورٽس موجود آهن.

ان سان گڏ ٽرمپ ايران کي اها بہ ڌمڪي ڏني تہ جيڪڏهن ايران ڪيس قتل ڪيو تہ هو اهڙا حڪم جاري ڪري چڪو آهي، ۽ جن تي هن صحيحون ڪري ڇڏيون آهن، انهن تحت ايران کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويندو. ايران ۾ هو ڪجهه بہ نہ ڇڏيندا. ان ملڪ جو عالمي نقشي تان نالوئي مِٽايو ويندو. آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل ۽ ٻين ميڊيا جي حلقن بہ رپورٽ ڪيو آهي تہ ايران تازوئي آمريڪي صدر کي قتل ڪرڻ جو منصوبو تيار ڪيو هو.

ڪجهه حلقن جو خيال آهي تہ ايران تہ سلمان رشديءَ کي بہ قتل ڪرڻ جو اعلان ڪيو هو، پر هو هينئر بہ جيئرو آهي، انڪري ايران جي ڌمڪين کي سنجيدهه وٺڻ جي ضرورت ناهي. اهو عوام کي مطمئن ڪرڻ لاءِ بيان ڏنو ويو.



آمريڪا ۽ ان جا اتحادي چاهين ٿا تہ هرمزلنگهه مان گذرندڙ جهازن کان ڪو بہ ٽيڪس نہ ورتو وڃي، جيئن ماضي ۾ هئو، پر ايران ان جي حق ۾ ناهي. ايران تڪرار دوران پنهنجي خودمختياري قائم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ان پرشين گلف اسٽريٽ اٿارٽي قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. ايران جو چوڻ هو تہ اهو محفوظ گذرگاهه يا لنگهه جا اجازت ناما جاري ڪرڻ جو انتظام سنڀاليندو. ٻنهي ملڪن ۾ ٿيل ٺاهه ۾ بہ ڄاڻايل آهي تہ نار جو انتظام عمان جي سهڪار سان ايران ئي سنڀاليندو، جنهن ۾ هرمزلنگهه مان گذرندڙ جهازن لاءِ امڪاني سروس فيس بہ شامل ٿي سگهي ٿي.

اها ڳالهه بہ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي تہ، هرمزلنگهه مان گذرندڙ جهازن تي فائرنگ ڪانپوءِ ڪارگو جهازن جي آمد و رفت بہ گهٽجي وئي آهي. آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ امن ٺاهه ختم ٿيڻ جي اعلان جي باوجود ٻنهي ملڪن کي ڪو اهڙو بندوبست ڪرڻو پوندو، جنهن سان هرمزلنگهه مان واپاري جهاز آساني سان گذري سگهن، ڇاڪاڻ تہ دنيا جو 20 سيڪڙو تيل ان لنگهه مان گذري ٿو، جنهن ۾ پيل ڪنهن بہ رنڊڪ جي صورت ۾ دنيا جا 40 ملڪ متاثر ٿي سگهن ٿا، جن ۾ ايران جا اتحادي ملڪ بہ شامل آهن.

مبصرن مطابق ايران ، آمريڪا جي علائقي ۾ موجودگي کي چيلينج ڪيو آهي، جنهن سان امڪان آهي تہ آمريڪي فوجين جي موجودگي گهٽ ٿي ويندي. ■

# حماس غزه حڪومت تان هٿ کڻي ويئي پر هٿيار ڦِٽي نه ڪيا



هاتڪ پيروزپوٽو

غزه جي پٽيءَ تي لڳ ڀڳ ويهن سالن تائين سول حڪومت هلائڻ کان پوءِ حماس 6 جولاءِ 2026ع تي هڪ اهم ۽ غيرمعمولي اعلان ڪيو. تنظيم پنهنجي سول حڪومت ۽ "گورنمينٽ ايمرجنسي ڪميٽي" کي ٽوڙي، انتظامي اختيار هڪ عبوري، غيرسياسي ۽ ٽيڪنوڪريٽ ماهرن تي ٻڌل اداري، غزه جي انتظام لاءِ قومي ڪميٽي - (National Committee for the Administration of Gaza - NCAG) حوالي ڪرڻ جو اعلان ڪيو. اهڙو فيصلو نه رڳو فلسطيني سياست ۾ هڪ اهم موڙ سمجهيو پيو وڃي، پر ان جا سياسي، سلامتي، سفارتي ۽ انساني پاسا به گهرا اثر رکن ٿا.

حماس جي اعلان جو سڀ کان اهم پهلو اهو آهي ته تنظيم سول حڪومت تان دستبردار ٿي رهي آهي، پر پنهنجي فوجي ونگ "القسام برگيڊز" کي برقرار رکندي ۽ هٿيار ڦٽا ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو آهي. حماس جو قطعي طور تي جائز موقف آهي ته، ڪنهن به قبضي هيٺ رهندڙ قوم کان هٿيار ڪسي ڇڏڻ، ان کي بي دفاع ۽ آسان شڪار بڻائڻ جي برابر آهي. تنظيم جو چوڻ آهي ته، هٿيارن بابت فيصلو صرف ان وقت ٿي سگهي ٿو، جڏهن يا ته اسرائيلي قبضو ختم ٿئي، يا سمورن فلسطيني ڌرين وچ ۾ جامع قومي اتفاق راءِ پيدا ٿئي.

سياسي مبصرن ۽ ماهرن موجب، هٿيارن جو سوال صرف فوجي معاملو نه، پر فلسطيني قومي حقِ خودارادیت، سلامتي ۽ سياسي

> غزه جو بحران صرف انتظامي تبديليءَ جو مسئلو نه، پر هڪ گهرو سياسي، انساني ۽ تاريخي تڪرار آهي، جنهن جو مستقل حل صرف حڪومتن جي تبديلي سان نه، پر آمريڪا ۽ اسرائيل جهڙن ملڪن جي اڳرائي ۽ وحشت جي خاتمي، عالمي برداري جي بيداري، انصاف، خودارادیت، سلامتي ۽ بين الاقوامي قانون جي احترام تي ٻڌل جامع سياسي معاهدي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو.

مستقبل سان ڳنڍيل آهي. علائقائي تجزيه نگارن موجب حماس اهڙو قدم ڪيترن ئي مقصدن کي آڏو رکي کنيو آهي. پهرين ڳالهه ته، تنظيم عالمي برادري ۽ غيرجانبدار ڌرين کي اهو پيغام ڏيڻ چاهي ٿي ته جيڪڏهن غزه جي ٻيهر تعمير رُڪيل آهي ته ان جو سبب هاڻي حماس جي سول حڪومت نه رهندي.

ٻي ڳالهه ته حماس اهو دليل ختم ڪرڻ چاهي ٿي ته اولهه جا ملڪ صرف ان ڪري تعميراتي امداد نٿا ڏين، ڇاڪاڻ ته غزه تي حماس حڪومت ڪري رهي آهي.

ٽيون مقصد، اهو قدم آمريڪي ٿياڪڙيءَ هيٺ تيار ڪيل مرحليوار امن منصوبي سان پڻ هم آهنگ قرار ڏنو پيو وڃي، جيڪو آڪٽوبر 2025ع جي جنگبندي کان پوءِ آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جي "بورڊ آف پيس" جي فريم ورڪ هيٺ تيار ڪيو.

حماس جي اعلان مطابق:

الف: ايمرجنسي ڪميٽي جو سربراهه محمد الفرا استعفيٰ ڏئي چڪو آهي.

ب: غزه جا موجوده سرڪاري ملازم ۽ سول سروس جا اهلڪار پنهنجين نوڪرين تي برقرار رهندا ته جيئن انتظامي خال پيدا نه ٿئي.

ج: انتظامي اختيار قاهره ۾ قائم اين سي آءِ جي حوالي ڪيا ويندا، جنهن جي سربراهي علي شعث ڪري رهيو آهي.

تڏهن به اها ڪميٽي اڃان تائين مصر ۾ موجود آهي، ڇاڪاڻ ته ان جي ميمبرن کي غزه ۾ داخل ٿيڻ لاءِ ضروري حفاظتي ضمانتون ۽ سياسي منظوريون حاصل نه ٿيون آهن.

حماس جي حڪومت ڇڏڻ سان ڪيترائي اهم سياسي نتيجا سامهون اچي سگهن ٿا. ان ريت عالمي سفارتڪاريءَ تي دٻاءُ پوندو جو هاڻي جيڪڏهن عالمي برادري غزه جي تعمير لاءِ اڳتي نٿي اچي ته ذميواري حماس بدران عالمي قوتن، آمريڪا، يورپي يونين، عرب ملڪن ۽ اسرائيل تي ايندي.

ان سان هڪ ٽيڪنوڪريٽ حڪومت جو ڏڳ هموار ٿيندو. اين سي آءِ جي کي هڪ غيرجانبدار عبوري اداري طور پيش ڪيو پيو وڃي، جنهن سان عرب ملڪ ۽ مغربي امداد ڏيندڙ ادارا سڌي طرح حماس سان واسطو رکڻ کان سواءِ غزه جي سول ادارن سان ڪم ڪري سگهن ٿا. پر هڪ ٻيو خدشو به موجود آهي، ڇاڪاڻ جو اين سي آءِ جي فلسطيني اٿارٽي جو حصو نه آهي، پر آزاد ٽيڪنوڪريٽس تي مشتمل عبوري ادارو آهي. اهڙي صورتحال مستقبل ۾ فلسطيني قومي وحدت کي وڌيڪ پيچيده بڻائي سگهي ٿي.

حماس جي اعلان مان واضح ٿئي ٿو ته تنظيم صرف سول حڪومت جي ذميواري ڇڏي رهي آهي، نه ڪي پنهنجي فوجي طاقت. ڪيترن تجزيه نگارن ان حڪمت عملي کي "حزب الله ماڊل" سان ڀيٽيو آهي، جنهن ماڊل تحت: روزاني حڪومت هلائڻ جون ذميواريون ٻين حوالي ڪجن؛ جڏهن ته هٿيار، سلامتي، جنگ ۽ امن بابت فيصلا، مزاحمتي قوت تنظيم پنهنجي هٿ ۾ رکي. اهوئي سبب آهي جو اسرائيل ان اعلان کي حقيقي تبديليءَ بدران سياسي حڪمت عملي قرار ڏئي رهيو آهي. اسرائيلي پرڏيهي وزير گڊعون ساعر ان اعلان کي "چالاڪي" قرار ڏيندي چيو ته حماس صرف حڪومت ڇڏي رهي آهي، هٿيار نه.

اسرائيل جو سرڪاري موقف آهي ته: مڪمل هٿياربندي ختم ٿيڻ کان سواءِ غزه جي ٻيهر تعمير، يا مستقل سياسي معاهدو ممڪن ناهي. انهيءَ ڪري اسرائيل ان تبديلي کي ڪافي نٿو سمجهي. انتظامي تبديليءَ جي باوجود غزه جي عوام جي زندگيءَ ۾ فوري سڌارو اچڻ جا امڪان محدود نظر اچن ٿا.

موجوده سرڪاري ملازمن کي برقرار رکڻ سان: پاڻي جي فراهمي، صفائي، اسپتالن ۽ بنيادي خدمتن جي مڪمل تباهي کان بچڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، پر وڏي پيماني تي نئين سر اڏاوت لاءِ اربين ڊالرن جي ضرورت آهي، ۽ وڏا امداد ڏيندڙ ملڪ اڃا تائين احتياط سان صورتحال جو جائزو وٺي رهيا آهن. غير جانبدار ماهرن ۽ مبصرن جي راءِ آهي ته حماس کان مڪمل هٿيار ڦٽا ڪرائڻ جو مطالبو صرف فوجي مسئلو نه، پر "سياسي هٿيار ڦٽا ڪرائڻ" جي برابر آهي. سندن خيال موجب فلسطينين جي حقِ خودارادیت کي تسليم ڪرڻ کان سواءِ صرف حڪومتن جا نالا تبديل ڪرڻ سان مسئلو حل نه ٿيندو.




سندن خيال موجب: "جيستائين فلسطينين جي سياسي حقن کي تسليم نه ڪيو ويندو، تيستائين حڪومتن جا نالا تبديل ڪرڻ سان غزه جو انتظام ته تبديل ٿي سگهي ٿو، پر تڪرار جي بنيادي سياسي سببن جو خاتمو نه ٿيندو." مختلف رپورٽن ۾ اهو به چيو ويو آهي ته ماضيءَ ۾ اسرائيلي ميڊيا طرفان جاري ڪيل ڪجهه وڊيوز، جن ۾ مبينا طور حماس جي ويڙهاڪن جي هٿيار ڦٽا ڪرڻ جا منظر ڏيکاريا ويا، انهن کي ڪيترن تجزيي نگارن پروپيگنڊا يا ترتيب ڏنل منظر قرار ڏنو.

حماس جي حڪومت ڇڏڻ سان نظرياتي طور غزه جي تعمير لاءِ رستو کلي سگهي ٿو، پر عملي طور ڪيترائي سوال اڃا حل طلب آهن. وڏا امداد ڏيندڙ ملڪ، خاص طور نار واريون رياستون ۽ يورپي يونين، ان وقت تائين اربين ڊالرن جي سيڙپ کان هٻڪ محسوس ڪري رهيون آهن، جيستائين غزه جي مستقبل بابت سلامتيءَ جو ڪو مستقل بندوبست نه ٿئي. ڪيترن مبصرن جي راءِ آهي ته حماس جو اهو قدم آمريڪا، اسرائيل ۽ عالمي برادري تي سياسي دٻاءُ وڌائڻ جي ڪوشش آهي ته جيئن جنگبنديءَ کي اڳتي وڌايو وڃي ۽ غزه جي ٻيهر تعمير شروع ٿئي. اهڙيءَ طرح اصل تڪرار اڃا تائين ساڳي جاءِ تي بيٺل آهي. حماس جو مطالبو آهي ته اسرائيلي قبضو ختم ڪيو وڃي؛ جڏهن ته اسرائيل پهرين مڪمل هٿياربندي ختم ڪرائڻ تي زور ڏئي رهيو آهي.


اٽڪل پوڻي صدي کان فلسطين ۽ غزه تي جاري اسرائيلي ڏاڍ ۽ ڏمر دوران آڪٽوبر 2023ع کان شروع ٿيل جنگ غزه لاءِ جديد تاريخ جي سڀ کان تباهه ڪندڙ سانحن مان هڪ بڻجي چڪي آهي. لکين ماڻهو بي گهر ٿيا، هزارين شهري، جن ۾ عورتون ۽ ٻار پڻ شامل آهن، مارجي ويا، جڏهن ته پاڻي، خوراڪ، رهائش ۽ صحت جون بنيادي سهولتون شديد متاثر ٿيون. جيتوڻيڪ آڪٽوبر 2025ع ۾ جنگبنديءَ جو اعلان ٿيو، پر حقيقت ۾ اسرائيلي جارحيت ۽ فلسطينين تي تشدد مڪمل طور بند نه ٿيو ۽ ڪيترن ئي واقعن ۾ وڌيڪ شهري جانيون ضايع ٿيون.

حماس جي حڪومت تان دستبرداري غزه جي سياسي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ آهي، پر آمريڪا ۽ اسرائيل جي اڳرائي ۽ بدمعاشي شايد ان کي ڪا به اهميت نه ڏئي. سول حڪومت هڪ ٽيڪنوڪريٽ اداري حوالي ڪرڻ سان شايد عالمي سفارتڪاري ۽ امداد لاءِ نوان در کلي سگهن، پر جيستائين هٿيارن، سلامتي، فلسطيني خودمختياري، اسرائيلي قبضي ۽ مستقل سياسي معاهدي بابت بنيادي اختلاف برقرار رهندا، تيستائين غزه ۾ پائيدار امن ۽ استحڪام جو حصول ڏکيو رهندو.

غزه جو بحران صرف انتظامي تبديليءَ جو مسئلو نه، پر هڪ گهرو سياسي، انساني ۽ تاريخي تڪرار آهي، جنهن جو مستقل حل صرف حڪومتن جي تبديلي سان نه، پر آمريڪا ۽ اسرائيل جهڙن ملڪن جي اڳرائي ۽ وحشت جي خاتمي، عالمي برداري جي بيداري، انصاف، خودارادیت، سلامتي ۽ بين الاقوامي قانون جي احترام تي ٻڌل جامع سياسي معاهدي سان ئي ممڪن ٿي سگهي ٿو. ■

# اسان جو عوام، نوجوان ۽ معيشت ڪهڙي واٽ تي وڃي رهيا آهن ؟

عرفان هارون



پاڪستان هن وقت پنهنجي تاريخ جي هڪ اهڙي اهم موڙ تي بيٺو آهي، جتي هڪ پاسي نوجوان آبادي، قدرتي وسيلا، زرعي صلاحيت، جاگرافيائي اهميت ۽ ڪاروباري امڪانن جهڙا بيشمار موقعا موجود آهن، ته ٻئي پاسي مهانگائي، بيروزگاري، غربت، معاشي غيريقيني، ڪمزور شهري رٿابندي ۽ سماجي بيچيني جهڙا سنگين چئلينجز به حقيقت بڻجي چڪا آهن. سوال صرف اهو ناهي ته ملڪ کي ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، پر اصل سوال اهو آهي ته ڇا اسين انهن مسئلن کي رڳو عارضي بحران سمجهي نظرانداز ڪندا رهنداسين، يا انهن کي قومي سڌارن جي هڪ جامع ايجنڊا ۾ تبديل ڪنداسين؟

عام ماڻهوءَ جي زندگي ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ جو سڀ کان معتبر معيار هوندي آهي. جيڪڏهن هڪ مزدور جي آمدني سندس گهر جا خرچ پورا نه ڪري سگهي، هڪ سرڪاري ملازم مهيني جي آخر تائين قرض وٺڻ تي مجبور ٿي وڃي، هڪ ننڍو دڪاندار وڌندڙ خرچن ۽ خريداريءَ جي گهٽجندڙ قوت سبب پريشان هجي، ۽ هڪ تعليم يافته نوجوان سالن تائين ڊگري هٿ ۾ کڻي روزگار جي تلاش ۾ سرگردان رهي، ته اهڙين حالتن ۾ ترقي جي دعوٰي عوام جي روزمره جي زندگيءَ سان هم آهنگ محسوس نٿي ٿئي.

اها صورتحال رڳو پاڪستان جي ڪنهن هڪ شهر يا هڪ صوبي تائين محدود ناهي. جيتوڻيڪ حيدرآباد سنڌ جي قديم، علمي، واپاري ۽ ثقافتي مرڪزن مان هڪ اهم شهر آهي، پر اڄ هتي به شهري انفراسٽرڪچر، ٽريفڪ، صاف پاڻي، پاڻيءَ جي نيڪال، صحت، تعليم، روزگار ۽ صنعتي سرگرمين جي حوالي سان اهڙا مسئلا موجود آهن، جيڪي شهرين جي زندگيءَ تي سڌو سنئون اثرانداز ٿي رهيا آهن. اهڙوئي منظر سنڌ جي ٻين شهرن ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جڏهن ته ملڪ جا وڏا شهر به آباديءَ جي وڌندڙ دٻاءَ، وسيلن جي کوٽ ۽ بي ترتيب شهري واڌ جهڙين چئلينجز کي منهن ڏئي رهيا آهن.

هيءَ حقيقت پڻ غور طلب آهي ته دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ماضي ۾ اهڙن ئي مسئلن کي منهن ڏنو، پر انهن ڊگهي مدي واري رٿابندي، تعليم ۾ سيڙپڪاري، صنعت جي واڌاري، مقامي حڪومتن جي استحڪام، شفاف طرزِ حڪمراني ۽ نوجوانن کي معاشي ڌارا ۾ شامل ڪرڻ وارين اثرائتين پاليسين ذريعي پنهنجي قسمت بدلائي ڇڏي. ڏکڻ ڪوريا، سنگاپور ۽ ملائيشيا ان جو نمايان مثال آهن، جتي انساني وسيلن کي سڀ کان وڏي قومي طاقت سمجهيو ويو. ان جي ابتڙ جن ملڪن ۾ معاشي رٿابندي ۽ ادارتي استحڪام ڪمزور رهيو، اتي بيروزگاري، غربت ۽ سماجي بيچيني ترقي جي رفتار کي سست ڪري ڇڏيو.

پاڪستان لاءِ به سڀ کان وڏي اميد ان جي نوجوان آبادي آهي، پر جيڪڏهن اهي ئي نوجوان معياري تعليم، مهارت، روزگار ۽ ڪاروباري موقعن

حقيقت اها به آهي ته معاشي ترقي صرف حڪومت جي ذميواري ناهي. ڪاروباري برادري، صنعتڪار، يونيورسٽيون، ذرائع ابلاغ، سول سوسائٽي ۽ خود شهري به پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جا پابند آهن. ايمانداري، قانون جي پاسداري، ٽيڪس نظام تي اعتماد، تحقيق، جدت ۽ سماجي ذميواريءَ جي فروغ جهڙا عنصرئي ڪنهن به ملڪ کي مضبوط بنياد فراهم ڪندا آهن. پاڪستان جي تاريخ اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته هن عوام هر ڏکئي وقت ۾ غيرمعمولي صلاحيت، محنت ۽ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

کان محروم رهندا، ته اها ئي قوت مستقبل ۾ هڪ وڏي سماجي ۽ معاشي چئلينج جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿي، تنهن ڪري ضروري آهي ته اسين رڳو معاشي انگن اکرن تي اڪتفا نه ڪريون، پر اهو به ڏسون ته انهن پاليسين جا اثر عام شهري، شاگرد، ننڍن ڪاروباري ماڻهن ۽ وچولي طبقي جي زندگيءَ تي ڪهڙي ريت ظاهر ٿي رهيا آهن.

گذريل ڪجهه سالن دوران پاڪستان جي معيشت اهڙا لاها چاڙها ڏٺا آهن، جن جا اثر رڳو قومي معاشي اشارين تائين محدود نه رهيا، پر هر گهر، هر بازار ۽ هر طبقي جي زندگيءَ تي نمايان طور محسوس ڪيا ويا آهن. مهانگائيءَ جتي غريب طبقي جي مشڪلاتن ۾ واڌ آندي، اتي وچولو طبقو، جيڪو ڪنهن به معاشري جي معاشي ڪرنگهي جي هڏي سمجهيو ويندو آهي، سو به شديد دٻاءَ جو شڪار ٿيو. اڄ هڪ پگهاردار ملازم لاءِ ٻارن جي معياري تعليم، علاج، رهائش، بجلي، گئس ۽ روزمره جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻو وڌيڪ ڏکيو ٿي چڪو آهي.

سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ طبقن ۾ ننڍا ڪاروباري، دڪاندار، هنرمند ۽ گهريلو صنعتن سان لاڳاپيل ماڻهو شامل آهن. وڏا سيڙپڪار ڪنهن نه ڪنهن حد تائين معاشي جهٽڪن کي برداشت ڪري وٺن ٿا، پر محدود سرمايي سان ڪاروبار ڪندڙ ماڻهن لاءِ خام مال جي اگهن ۾ واڌ، بجلي ۽ گئس جي وڌندڙ قيمتن، ٽيڪسن جو بار، وياج جي وڏي شرح ۽ صارفين جي گهٽجندڙ قوتِ خريداري ڪاروبار جاري رکڻ کي هڪ مستقل امتحان بڻائي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري ڪيترائي ننڍا ڪاروبار يا ته محدود ٿي ويا آهن يا مڪمل طور تي بند ٿي چڪا آهن، جنهن جي نتيجي ۾ وڌيڪ بيروزگاريءَ جنم ورتو آهي.

اهو رجحان رڳو معاشي نقصان تائين محدود ناهي، پر قومي سرمائي جي ضايع ٿيڻ جو به سبب بڻجي ٿو. هڪ نوجوان جي تعليم تي سندس خاندان ۽ رياست سالن تائين سيڙپ ڪن ٿا، پر جڏهن اهو نوجوان پنهنجون صلاحيتون پنهنجي ملڪ بدران ڪنهن ٻئي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري ٿو، ته ان جو فائدو پاڪستان بدران ٻين ملڪن کي پهچي ٿو. انهيءَ عمل کي عام طور ”برين ڊرين“ (Brain Drain)چيو ويندو آهي، جيڪو اڄ پاڪستان لاءِ هڪ اهم چئلينج بڻجي رهيو آهي.

ان جي ابتڙ، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن نوجوانن کي بارُ نه، پر ترقيءَ جو محرڪ سمجهيو آهي. ڏکڻ ڪوريا تعليم ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي وسيع سيڙپڪاري ڪئي، سنگاپور مهارت، شفاف حڪمراني ۽ ڪاروبار دوست ماحول کي هٿي ڏني، ملائيشيا صنعتي ترقي ۽ فني تربيت کي فروغ ڏنو، جڏهن ته ترڪي ننڍين ۽ وچولي درجي جي صنعتن جي سرپرستي ڪري لکين ماڻهن لاءِ روزگار جا موقعا پيدا ڪيا. انهن ملڪن ثابت ڪيو ته قدرتي وسيلن کان به وڌيڪ اهم انساني وسيلا هوندا آهن.

پاڪستان ۾ رڳو بيروزگاري ئي مسئلو ناهي، پر مهارتن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن جي وچ ۾ موجود وٿي پڻ هڪ وڏي رڪاوٽ آهي. ڪيترن ئي شعبن ۾ ماهر ۽ هنرمند ماڻهن جي ضرورت موجود هوندي آهي، پر تعليمي نظام ۽ صنعت جي وچ ۾ مؤثر رابطي جي کوٽ سبب نوجوان انهن موقعن مان فائدو وٺي نٿا سگهن، انهيءَ ڪري هڪ پاسي بيروزگار نوجوان موجود آهن، ته ٻئي پاسي ڪيترائي شعبا گهربل مهارت رکندڙ ماڻهن جي کوٽ جي شڪايت ڪن ٿا.

ان صورتحال جا سماجي اثر به گهٽ ڳڻتيءَ جوڳا ناهن. جڏهن ڪو نوجوان ڊگهي عرصي تائين روزگار کان محروم رهي ٿو، ته سندس خوداعتمادي متاثر ٿئي ٿي، خانداني دٻاءُ وڌي ٿو، شاديءَ جهڙا اهم فيصلا ملتوي ٿين ٿا، ذهني دٻاءَ ۾ واڌارو ٿئي ٿو ۽ ڪڏهن ڪڏهن مايوسي سماجي بيچينيءَ کي به جنم ڏئي ٿي. انهيءَ ڪري ترقي يافته ملڪ نوجوانن جي ڀلائي کي رڳو روزگار جو مسئلو نه، پر ان کي قومي سلامتي، سماجي استحڪام ۽ معاشي ترقيءَ سان ڳنڍي ڏسن ٿا.

اڄ پاڪستان کي به اهوئي سوال درپيش آهي ته، ڇا اسين پنهنجي نوجوان نسل کي صرف ڊگريون ڏئي مطمئن ٿي وينداسين، يا کين اهڙو ماحول فراهم ڪنداسين، جتي هو پنهنجي صلاحيتن کي ملڪ جي ترقيءَ لاءِ استعمال ڪري سگهن؟ جيڪڏهن اسين تعليم، مهارت، صنعت، تحقيق، ڊجيٽل معيشت ۽ ڪاروباري موقعن جي وچ ۾ مضبوط رابطو قائم ڪري ورتو، ته اهي ئي نوجوان پاڪستان جي سڀ کان وڏي معاشي طاقت ثابت ٿي سگهن ٿا، پر جيڪڏهن موجوده رجحان برقرار رهيا، ته برين ڊرين، بيروزگاري ۽ سماجي دٻاءُ ايندڙ سالن ۾ وڌيڪ سنگين صورت اختيار ڪري سگهن ٿا.


پاڪستان جي موجوده حالتن جو جائزو وٺندي اهو تاثر پيدا نه ٿيڻ گهرجي ته ملڪ رڳو مسئلن جو مجموعو آهي. حقيقت اها آهي ته هر بحران پنهنجي اندر هڪ موقعو پڻ لڪائي ويٺو هوندو آهي، بشرطيڪ رياست، نجي شعبو، تعليمي ادارا ۽ سماج گڏجي ڊگهي مدي واري ۽ حقيقت پسند حڪمتِ عملي اختيار ڪن. دنيا جي تاريخ شاهد آهي ته جن قومن ڏکين حالتن کي سڌارن، جدت ۽ بهتر طرزِ حڪمراني ۾ تبديل ڪيو، اهي ئي اڳتي وڌيون آهن.

هڪ ٻي اهم حقيقت اها به آهي ته معاشي ترقي صرف حڪومت جي ذميواري ناهي. ڪاروباري برادري، صنعتڪار، يونيورسٽيون، ذرائع ابلاغ، سول سوسائٽي ۽ خود شهري به پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جا پابند آهن. ايمانداري، قانون جي پاسداري، ٽيڪس نظام تي اعتماد، تحقيق، جدت ۽ سماجي ذميواريءَ جي فروغ جهڙا عنصرئي ڪنهن به قوم کي مضبوط بنياد فراهم ڪندا آهن.

پاڪستان جي تاريخ اهو پڻ ٻڌائي ٿي ته هن عوام هر ڏکئي وقت ۾ غيرمعمولي صلاحيت، محنت ۽ ثابت قدميءَ جو مظاهرو ڪيو آهي. اسان جا نوجوان باصلاحيت آهن، اسان جا هاري محنتي آهن، اسان جا صنعتڪار ڏکين حالتن ۾ به پنهنجو ڪاروبار جاري رکن ٿا، ۽ اسان جي تعليمي ادارن مان هر سال هزارين قابل نوجوان فارغ التحصيل ٿين ٿا. ضرورت صرف ان ڳالهه جي آهي ته انهن سمورين صلاحيتن کي هڪ اهڙي قومي حڪمتِ عمليءَ تحت گڏ ڪيو وڃي، جيڪا تسلسل، شفافيت ۽ ميرٽ تي ٻڌل هجي.

بدلجندڙ عالمي حالتن ۾ اهي ئي ملڪ اڳتي وڌي رهيا آهن، جيڪي انساني سرمائي، علم، ٽيڪنالاجي، جدت ۽ مضبوط ادارن تي سيڙپڪاري ڪري رهيا آهن. پاڪستان به جيڪڏهن پنهنجي نوجوانن تي اعتماد ڪري، ننڍن ڪاروبارن کي معيشت جو بنيادي ستون سمجهي، تعليم ۽ صنعت کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي، ۽ شهري سهولتن کي قومي ترجيحن ۾ شامل ڪري، ته موجوده چئلينجز کي مستقبل جي ڪاميابين ۾ تبديل ڪري سگهجي ٿو.

ٻي ڳالهه ته قومن جي تقدير وسيلن سان نه، پر درست فيصلن، مضبوط ادارن ۽ دورانديش قيادت سان بدلجندي آهي. جديد انتظامي فڪر جي باني ۽ دنيا جي مشهور انتظامي ماهر پيٽر ڊرڪر (Peter Drucker)جو هي قول اڄ به اسان جي رهنمائي ڪري ٿو”:مستقبل جي اڳڪٿي ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو آهي ته ان کي پاڻ تعمير ڪيو وڃي.“ تنهن ڪري قومن جي ترقي صرف وسيلن سان نه، پر ڪردار، انصاف، ديانتدار قيادت ۽ اجتماعي ذميواريءَ جي احساس سان ٿيندي آهي، ۽ اهوئي اهو رستو آهي، جيڪو هڪ باوقار، مستحڪم ۽ خوشحال پاڪستان جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو. ■



# هيٽ ڊوم ۽ يورپ تي گرميءَ جو حملو

صوفيه قريشي



گذريل ٻن سالن دوران يورپ اهڙي غيرمعمولي گرميءَ کي منهن ڏنو آهي، جنهن نه رڳو گذريل ڏهاڪن جا پراڻا رڪارڊ ٽوڙي ڇڏيا آهن، پر سائنسدانن کي به اهو چوڻ تي مجبور ڪيو آهي ته، اهو رڳو هڪ موسمي واقعو نه، پر موسمياتي تبديليءَ جي تيزيءَ سان وڌندڙ اثرن جو واضح ثبوت آهي. برطانيا، فرانس، اسپين، اٽلي، جرمني، بيلجيم، نيڌرلينڊز ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ گرمي پد 40 ڊگري سينٽي گريڊ کان مٿي پهچي ويو، هزارين ماڻهو اسپتالن ۾ داخل ٿيا، ٽرانسپورٽ جو نظام متاثر ٿيو، زرعي پيداوار کي نقصان رسيو ۽ ڪيترن ئي هنڌن تي ٻيلن کي باهيون لڳي ويون.

يورپ جي گرميءَ واري هاڻوڪي صورتحال کي سمجهڻ لاءِ سڀ کان پهرين هيٽ ڊوم کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته سائنسدانن موجب تازين گرميءَ جي خطرناڪ لهرن جي پويان اهوئي اهم موسمي نظام ڪم ڪري رهيو آهي.

### هيٽ ڊوم ڇا آهي؟

هيٽ ڊوم اهڙي موسمي صورتحال کي چيو ويندو آهي، جنهن ۾ فضا جي مٿئين حصي ۾ هڪ تمام مضبوط هاءِ پريشر سسٽم ٺهي ٿو. اهو نظام بلڪل ڪنهن ڍڪ يا گنبذ وانگر ڪم ڪري ٿو. سج جي گرمي زمين تائين ته پهچي وڃي ٿي، پر اها گرم هوا مٿي نڪري نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته هاءِ پريشر سسٽم ان کي هيٺ دٻائي رکندو آهي.

ان دوران صحارا ريگستان مان ايندڙ گرم ۽ خشڪ هوا به يورپ ڏانهن منتقل ٿيندي رهي ٿي، جنهن سبب گرمي هر گذرندڙ ڏينهن سان وڌيڪ شديد ٿيندي وڃي ٿي. زمين سُڪي وڃڻ ڪري مٽيءَ ۾ موجود گهم گهٽجي وڃي ٿي، نتيجي ۾ سج جي وڌيڪ توانائي زمين کي وڌيڪ گرم ڪرڻ ۾ استعمال ٿئي ٿي، جنهن سان گرميءَ جو چڪر وڌيڪ مضبوط ٿيندو وڃي ٿو.

سائنسدانن جو چوڻ آهي ته هيٽ ڊوم پاڻ ڪو نئون موسمي نظام نه آهي، پر موسمياتي تبديليءَ سبب هاڻي اهڙا واقعا گهڻو وڌيڪ خطرناڪ، وڌيڪ ڊگها ۽ وڌيڪ شديد بڻجي ويا آهن.

> ماهرن جو چوڻ آهي ته يورپ جي 130 ملين کان وڌيڪ آبادي انتهائي گرميءَ جي سڌي اثر هيٺ رهي. گرميءَ جا اثر رڳو اسپتالن تائين محدود نه رهيا، پر روزاني زندگي جو تقريباً هر شعبو متاثر ٿيو. انگلينڊ ۾ ڪيترين اسپتالن هنگامي صورتحال جو اعلان ڪيو، ڇاڪاڻ ته گرمي سبب طبي مشينون، ڪمپيوٽر سسٽم ۽ آءِ ٽي نيٽ ورڪ متاثر ٿيڻ لڳا. ڪيترن ئي شهرن ۾ ايمبولينس سروسز کي معمولي ڏينهن جي ڀيٽ ۾ گهڻيون هنگامي ڪالز مليون.

### هيٽ ويو ۽ هيٽ ڊوم ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

گهڻا ماڻهو هيٽ ويو ۽ هيٽ ڊوم کي ساڳي شيءِ سمجهندا آهن، جڏهن ته حقيقت ۾ ٻنهي ۾ فرق موجود آهي.

هيٽ ويو اهڙي عرصي کي چيو ويندو آهي، جڏهن ڪنهن علائقي ۾ لڳاتار ڪيترن ڏينهن تائين گرمي معمول کان تمام گهڻي رهي، جڏهن ته هيٽ ڊوم اهو موسمي سبب آهي، جيڪو ڪيترين حالتن ۾ هيٽ ويو کي پيدا ڪري ٿو يا ان جي شدت ۾ واڌ آڻي ٿو. ٻين لفظن ۾، هيٽ ڊوم سبب گرمي هڪ هنڌ ڦاسي پوي ٿي ۽ ڪيترن ئي ڏينهن تائين گهٽجڻ بدران اها وڌندي رهي ٿي.

2026ع جي جون مهيني کي يورپ جي جديد موسمي تاريخ ۾ هڪ اهم موڙ طور ياد رکيو ويندو، ڇاڪاڻ ته ان مهيني ۾ اولهه يورپ جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ گرميءَ جا اهڙا رڪارڊ قائم ٿيا، جيڪي اڳ ڪڏهن به ڏٺا نه ويا هئا. برطانيا جي ميٽ آفيس موجب انگلينڊ پنهنجي تاريخ جو سڀ کان گرم جون مهينو رڪارڊ ڪيو، جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ گرمي پد 37.7 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي ويو، جيڪو جون مهيني لاءِ نئون رڪارڊ هو. ساڳئي وقت گرميءَ جي اها لهر برطانيا تائين محدود نه رهي، پر تيزيءَ سان فرانس، جرمني، نيڌرلينڊز، بيلجيم ۽ وچ يورپ جي ٻين ملڪن تائين پکڙجي وئي.

فرانس جي ڪيترن ئي شهرن ۾ گرمي 30 ڊگري سيٽي گريڊ کان مٿي هلي وئي، جنهن کان پوءِ حڪومت ڪيترن ئي علائقن ۾ ريڊ الرٽ جاري ڪندي ماڻهن کي غيرضروري طور گهرن کان ٻاهر نه نڪرڻ، پاڻي جو مناسب استعمال ڪرڻ ۽ پاڻ کي سڌي سج کان بچائڻ جون هدايتون جاري ڪيون. جرمني ۾ به گرمي پد 31.5 ڊگري سينٽي گريڊ تائين پهچي ويو، جڏهن ته نيڌرلينڊز ۾ 39.3 ڊگري سيٽي گريڊ ۽ هنگري ۾ 35 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪيو ويو، جيڪو يورپ ۾ گرميءَ جي شدت کي واضح نموني ظاهر ڪري ٿو.

اهو بحران رڳو ڏينهن جي تيز گرمي تائين محدود نه رهيو، پر راتين جو گرمي پد به غيرمعمولي طور وڌيڪ رهڻ سبب صورتحال وڌيڪ خطرناڪ بڻجي وئي. عام حالتن ۾ سج لهڻ کان پوءِ گرمي گهٽجڻ شروع ٿيندي آهي، جنهن سان انساني جسم کي ٿڌو ٿيڻ ۽ آرام ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي، پر تازين هيٽ ويوز دوران يورپ جي ڪيترن ئي شهرن ۾ رات جو گرمي 20 ڊگري سينٽي گريڊ کان هيٺ نه لٿي.

جرمنيءَ جي اوپرئين علائقي ۾ ته رات جو گهٽ ۾ گهٽ گرمي 29 ڊگري سينٽي گريڊ رڪارڊ ڪئي وئي، جيڪا هڪ غيرمعمولي ۽ پريشان ڪندڙ صورتحال هئي. موسمياتي ماهرن موجب اهڙين ٽراپڪل نائٽس دوران انساني جسم کي قدرتي طور ٿڌو ٿيڻ جو موقعو نٿو ملي، جنهن سبب خاص طور تي بزرگ، ٻار، دل، ڦڦڙن ۽ گردن جي بيمارين ۾ مبتلا ماڻهو وڌيڪ خطري ۾ اچي وڃن ٿا، ۽ گرميءَ سان لاڳاپيل بيمارين ۽ فوتگين جو امڪان نمايان طور وڌي وڃي ٿو. يورپ ۾ گرميءَ جي ان لهر جو سڀ کان ڏکوئيندڙ پهلو صرف وڌندڙ گرمي پد نه، پر ان سان لاڳاپيل انساني جاني نقصان به هو.

عوامي صحت جي ماهرن جو چوڻ آهي ته شديد گرمي خاموش قاتل وانگر ڪم ڪندي آهي، ڇاڪاڻ ته ان جا ڪيترائي اثر سڌي ريت نظر نٿا اچن، پر ڪجهه ڏينهن يا هفتن اندر اضافي موتن، دل جي بيمارين، گردن جي ناڪامي، پاڻي جي کوٽ ۽ ساهه کڻڻ جي مسئلن جي صورت ۾ ظاهر ٿيندا آهن.

فرانس جي سرڪاري صحت واري اداري سانتي پبليڪ فرانس موجب، صرف هڪ هفتي اندر 22 جون کان 28 جون تائين ڪل 8973 فوتگيون رڪارڊ ٿيون، جيڪي گذريل هفتي جي ڀيٽ ۾ تمام وڌيڪ هيون. انهن خبردار ڪيو ته اهي انگ اڃا مڪمل نه آهي، ڇاڪاڻ ته گرميءَ جا ڪيترائي اثر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ظاهر ٿيندا آهن. سڀ کان وڌيڪ متاثر 70 سالن کان مٿي عمر جا ماڻهو هئا.

پيرس سميت ڪيترن ئي علائقن ۾ فوتگين جي شرح غيرمعمولي طور وڌي وئي. صرف فرانس ئي نه، پر بيلجيم ۽ نيڌرلينڊز پڻ ان بحران کان محفوظ نه رهيا. بيلجيم ۾ گرمي سان لاڳاپيل لڳ ڀڳ 1200 اضافي فوتگيون رپورٽ ٿيون، جڏهن ته نيڌرلينڊز ۾ تقريباً 350 ماڻهو فوت ٿي ويا، جن مان اڪثر بزرگ هئا. ماهرن جو چوڻ آهي ته يورپ جي 130 ملين کان وڌيڪ آبادي انتهائي گرميءَ جي سڌي اثر هيٺ رهي. گرميءَ جا اثر رڳو اسپتالن تائين محدود نه رهيا، پر روزاني زندگي جو تقريباً هر شعبو متاثر ٿيو.

انگلينڊ ۾ ڪيترين اسپتالن هنگامي صورتحال جو اعلان ڪيو، ڇاڪاڻ ته گرمي سبب طبي مشينون، ڪمپيوٽر سسٽم ۽ آءِ ٽي نيٽ ورڪ متاثر ٿيڻ لڳا. ڪيترن ئي شهرن ۾ ايمبولينس سروسز کي معمولي ڏينهن جي ڀيٽ ۾ گهڻيون هنگامي ڪالز مليون، جڏهن ته ڊاڪٽرن ماڻهن کي بار بار پاڻي پيئڻ، سڌي سج کان بچڻ ۽ غيرضروري سفر کان پاسو ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون.

سائنسدانن جي نظر ۾ ان سڄي بحران مان سڀ کان اهم سبق اهو آهي ته يورپ جو موجوده انفراسٽرڪچر اهڙي گرميءَ لاءِ تيار نه هو. گهڻا گهر ٿڌي موسم کي نظر ۾ رکي تعمير ڪيا ويا آهن، ڪيترن اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ مناسب ٿڌاڻ جو انتظام موجود نه آهي، ۽ شهرن ۾ ڪنڪريٽ ۽ اسفالٽ جي وڏي مقدار گرميءَ کي وڌيڪ وڌايو. ان ڪري ماهر حڪومتن تي زور ڏئي رهيا آهن ته شهرن ۾ وڌيڪ وڻ لڳايا وڃن، سرسبز علائقن کي وڌايو وڃي، عمارتن جي ڊيزائن تبديل ڪئي وڃي، گرميءَ کان بچاءَ جا قومي منصوبا تيار ڪيا وڃن ۽ ڪم ڪندڙ ماڻهن لاءِ سخت گرميءَ دوران محفوظ ڪم جا قانون ٺاهيا وڃن. ■



گارڊيئن اخبار جي پولنگ موجب هر دور جا 100 عظيم ڪتاب _ پاڳو پهريون

# برطانيا ۾ ملهاجندڙ ’مطالعي جو قومي سال‘ ۾ بهترين ڪتابن جي لاءِ ڪيل سروي


محمد حبيب سنائي




مطالعي جي حوالي سان ليکڪ هينري ڊيوڊ ٿوريو جي هڪ مشهور چوٽي آهي ته، ”پهريان ڪنهن بهترين ڪتاب کي پڙهي وٺو، ٿي سگهي ٿو ته اڳتي هلي اوهان کي اهڙو موقعو ئي نه ملي.“ اسان وٽ ته اڳ ۾ ئي ڪتاب پڙهندڙن جو تعداد نالي ماتر هو، جنهن تي وري سوشل ميڊيا، اسڪرين ۽ نيٽفليڪس وغير اگرا اثر وڌا آهن، پر جن ملڪن ۾ ڪتاب لکن جي تعداد ۾ شايع ٿيندا هئا، ۽ وڏي پيماني تي پڙهيا ويندا هئا، اتي به هاڻي ڪتابن جي اڀياس جي عادت زوال پذير آهي. نامور اخبار گارڊيئن موجب، برطانيا ۾ بالغن جي اڌ آبادي ته ڪتابن کي ويجهو ئي نه ويندي آهي، ۽ ٻارن ۾ به پڙهڻ جي شرح گهٽجي رهي آهي، ان ڪري مطالعي کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان برطانيا ۾ سال 2026 کي ”مطالعي جو قومي سال“ (National Year of Reading,) ڪري ملهايو پيو وڃي.

ڄاڻايل نامور اخبار انهيءَ مهم ۾ پنهنجو حصو پتي وجهندي، تازو دنيا جي 170 ناول نگارن، نقادن ۽ تعليمي ماهرن کي گذارش ڪئي ته، انهن مان هر هڪ انگريزيءَ ۾ شايع ٿيل، پلي اصل ڪهڙي به ٻولي ۾ لکيل هجن، ڪتابن مان هر دور جي ڏهن عظيم ڪتابن جي فهرست جوڙي سندن حوالي ڪري. انهن صاحبن وٽان مليل سيني فهرستن کي ڇنڊي ڇاڻي، انهيءَ اخبار هر دور جي هڪ سؤ عظيم ڪتابن جي هڪ فهرست جوڙي پڙهندڙن سان ونڊي آهي.

انهيءَ فهرست تي ڳالهائڻ کان اڳ اهو ٻڌائڻ مناسب رهندو ته دنيا ۾ مختلف ادارا اهڙي قسم جون فهرستون پيا جوڙيندا رهندا آهن. ڪافي سال اڳ، سال 2003 ۾ بي بي سي وارن اهڙي سروي ڪرائي هڪ فهرست تيار ڪئي هئي. ان سروي مان اتساهه وٺي، ان دور ۾ آبزرور اخبار جي لٽرري ايڊيٽر رابرٽ مڪ ڪرم پورو هفتو آفيس ۾ پنهنجي ساٿين کان سروي ڪري، هر دور جي عظيم 100 ناولن جي فهرست جوڙي هئي. جيتوڻيڪ اها فهرست ذاتي ۽ جانبدار هئي، پر ان تي ٿورو گهڻو چوٻول ضرور ٿيو هو. انهيءَ صاحب وري سال 2015 ۾ اهڙي ٻي فهرست جوڙي هئي، پر هن ڀيري هن فهرست ۾ صرف اهي ناول شامل ڪيا، جيڪي انگريزيءَ ۾ لکيا ويا هئا. سال 2024 ۾ نيويارڪ ٽائيمز 21هين صدي جي هڪ سؤ بهترين ڪتابن جي فهرست جوڙي هئي.

نامور اخبار گارڊيئن موجب، برطانيا ۾ بالغن جي اڌ آبادي ته ڪتابن کي ويجهوئي نه ويندي آهي، ۽ ٻارن ۾ به پڙهڻ جي شرح گهٽجي رهي آهي، ان ڪري مطالعي کي هٿي ڏيڻ جي حوالي سان برطانيا ۾ سال 2026 کي ”مطالعي جو قومي سال“ (National Year of Reading,) ڪري ملهايو پيو وڃي.





برٽش لائبرري ۾ مطالعي جي سال واري تقريب ۾ شريڪ برطانوي راڻي ڪاميلا


پولنگ ۾ شريڪ هڪ صاحب جي خيال ۾ اهو ناول پڙهڻ کان پوءِ ڪو به فرد اڻ بدليل نه رهندو. ان ناول جو پهريون جملو آهي: ”مس بروڪ جي سونهن اهڙي نوع جي هئي، جو اها خراب لباس ۾ اجا وڌيڪ نمايان ٿيڻ لڳندي هئي.“

ٻئي نمبر تي ايندڙ ناول ٽوني موريسن جو ”بلوڊ“ _ Beloved (1987) آهي، جنهن کي سال 1988 ۾ افسانوي ادب لاءِ پلٽزر انعام سان نوازيو ويو هو. ان شاهڪار ناول ۾ آمريڪي گهرو ويڙهه کان پوءِ اڳوڻن غلام بڻايل ماڻهن جي زندگيءَ جي ڏکوئيندڙ حقيقتن کي بيحد اثرائتي نموني پيش ڪيو ويو آهي. ان ناول جو بنياد مارگريٽ گارنر جي زندگيءَ جي هڪ حقيقي واقعي تي رکيل آهي. گارنر پنهنجي ننڍڙي ڌيءَ کي رڳو ان ڊپ کان قتل ڪري ڇڏيو هو ته متان ڪيس بيهر غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيو وڃي. ٽوني موريسن ان ناول کي ”يادگيري ۽ وساري ڇڏڻ جي وچ ۾ جوتيل هڪ فيصلائتي جنگ“ قرار ڏنو هو. جسماني ۽ نفسياتي تشدد جي ان شيطاني ۽ ذري گهٽ آسيبي تصويرڪشيءَ کي اڄ به آمريڪي لائبريرين ۾ سڀ کان وڌيڪ پابنديءَ هيٺ آيل ۽ اعتراضن کي منهن ڏيندڙ ڪتابن مان هڪ سمجهيو وڃي ٿو، جڏهن ته ساڳئي وقت اهو









سڀ کان وڌيڪ پسند ڪيل ۽ دل سان سانديل ڪتابن مان پڻ هڪ آهي.

سال 1993 ع ۾ ٽوني موريسن ادب جو نوبيل انعام حاصل ڪندڙ پهرين سياهه فام ليکڪ بڻي، ۽ سندس تخليقي عظمت کي عالمي سطح تي مڃتا ملي. ان ناول جو پهريون جملو آهي: ”124 ڪيني پريل هو. ابهم جي زهر سان تار ٿيل.“

ٽئين نمبر تي ناول يوليسز (1922) آهي، جنهن جي اردو ترجمي تي اسان وٽ اڄڪلهه وڏو گوڙ متل آهي. چو ته هتان جي اڪثرن اديبن، بشمول پياري منوج ڪمار جي چواڻي ته، جيمز جائس جي ان ناول جو ترجمو اسان جي ٻولين ۾ ناممڪن آهي. اهو ناول مڪيه نائڪ جي ڊبلن شهر ۾ رولاڪي ڪندي گذاريل هڪ ڏينهن (16 جون 1940) جي مڪمل وارتا تي ٻڌل آهي، جنهن کي لکڻ ۾ جائس کي پورا ست سال لڳا. شعور جي وهڪري ۾ لکيل انهيءَ ناول ۾ الائي ڪيترين ڏندڪٿائن، معمن، تشبيهين، استعارن وغيره جو استعمال ڪيو ويو آهي، جنهن ڪري ان کي دنيا جو ڏکيو ترين ناول قرار پيو ڏنو وڃي. ڇپجڻ کان اڳ ان تي انگلنڊ ۽ آمريڪا ۾ پابندي مڙهي ويئي هئي. ان جي هڪ سِٽ هتي ڏجي ٿي: ”ڏکو ۽ ٿلهو بڪ ملنگان مٿان چاڙهي تان لهي آيو، وٽس ڳاج پريل وارو وٽو هو، جنهن تي آرسي ۽ ريزر ڌريل هئا.“

چوٿين نمبر تي ورجينا وولف جو 1927 ۾ شايع ٿيل پنجون ناول To the Lighthouse آهي، جنهن ۾ وري ٻن ڏهاڙن جو قصو آهي، جن جي وچ ۾ ڏهن سالن جي وٿي آهي. پهريون ڏينهن پهرئين عالمي جنگ کان اڳ جو آهي ۽ ٻيو ڏينهن عالمي جنگ کان پوءِ جو آهي. وولف جو اهو ناول، ليکڪا جي سينٽ آئوز، ڪارنوال جي ٽيلينڊ هائوس ۾ گذاريل ننڍپڻ جي موڪلن جي يادگيرن کي ڪم آڻيندي، آئل آف اسڪاءِ (Isle of Skye) تي قائم رئمزي ڪٽنب جي گرمين واري گهر ۾ ميزبانن ۽ سندن مهمانن جي نڪتي نظرن وچ ۾ گردش ڪري ٿو. خود وولف ان ناول کي پنهنجي ڪتابن مان ”سڀ کان بهترين“ قرار ڏنو هو. سندس آرٽسٽ ڀيڻ ونيسا بيل ان جي پهرئين ايڊيشن جو ٽائٽل ڪور ٺاهيو هو. ان جو پهريون جملو آهي: ”’هائو، يقينن، جيڪڏهن سڀاڻي پلوڙ ڏينهن هوندو ته،‘ مسز رامزي چيو. ’پر توکي پکين جي لاٽ لنوڻ شرط ئي اٿڻو پوندو.‘“ ■ هلندڙ

گارڊيئن جي ان فهرست ۽ اڳوڻين فهرستن جي ڀيٽ ڪرڻ سان ڄاڻ ملي ٿي ته ليکڪائن جو تعداد وڌي رهيو آهي. ان فهرست ۾ 100 مان 36 ليکڪائون آهن. 2015 واري فهرست ۾ 21 ليکڪائون هيون ۽ 2003 ۾ 16 هيون. اندازو آهي ته هن وقت سهيوڳي ليکڪن ۾ عورتن جو تعداد اڌو اڌ آهي. مزي جي ڳالهه ته گارڊيئن جي پولنگ موجب تيار ڪيل فهرست ۾ پهرئين نمبر تي ايندڙ ناول Middlemarch (1871) جي ليکڪا آهي، پر اها ان وقت جي رواج پٽاندڙ مرداڻو نالو ”جارج ايلئٽ“ استعمال ڪندي هئي. جيئن اٺين نمبر تي آيل شارلٽ برونٽي جو ناول Jane Ayre به ڪرير بيل جي فرضي مرداڻي نالي سان شايع ٿيو هو. جين آسٽن پنهنجي زندگيءَ ۾ پنهنجي ناولن جي اشاعت تي ليکڪ طور رڳو باءِ ليڊي لکرائيندي هئي.

ان فهرست ۾ ڪافي ليکڪن ۽ ليکڪائن جا هڪ کان وڌيڪ ڪتاب شامل ٿيا آهن، جيئن شارلٽ برونٽي جا پنج ڪتاب، جين آسٽن ۽ چارلس ڊڪنس جا چار چار ڪتاب، ٽوني موريسن ۽ هينري جيمس جا ٽي ٽي ڪتاب ۽ ليوٽالسٽاءِ، دوستئيفسڪي، فرانز ڪافڪا، ڪازوو اشيگورو ۽ ڪجهه ٻين ليکڪن جا ٻه ٻه ڪتاب شامل آهن. ڪن ليکڪن؛ جهڙوڪ جارج آرويل، هيمنگوي، وليم فاڪنر، زيدي سمٿ ۽ هئن ڪانگ وغير جا هڪ هڪ ڪتاب شامل ڪيا ويا آهن.

اچو ته ان فهرست تي پهرئين ڏهن ۽ آخري نمبر سؤ تي آيل ڪتابن جو مختصر احوال اوريون. پهرئين نمبر تي ايندڙ ناول مڊل مارچ _ Middlemarch (1871) کي وڌ ۾ وڌ 56 ووٽ مليا آهن ۽ اهو جارج ايلئٽ جو ڇهون ناول هو، جيڪو ان زماني ۾ وڌ ۾ وڌ وڪرو ٿيو ۽ ان کي ادبي شاهڪار قرار ڏنو ويو. 19هين صديءَ جي وچ ڌاري انگلينڊ جي هڪ صوبائي شهر جي رهاڪن جي زندگين ۽ محبتن جي عڪاسي ڪندڙ ان ناول کي، ايلئٽ پهريان ٻن الڳ ڪتابن ۾ لکڻ جو پهه ڪيو، پر اڳتي هلي هن انهن کي گڏائي ”هڪ اهڙو پيچيدو ۽ تفصيلي رزميه تخليق ڪيو، جيڪو سياسي، سماجي ۽ ٽيڪنيڪي تبديلين جي پسمنظر ۾ روزگار ۽ شادي، امنگ ۽ تخليقيت، خود غرضي ۽ گڏيل سماجي جذبي جي ڇنڊڇاڻ ڪري ٿو.“




# دنيا ۾ پکڙيل سنڌي

مصطفيٰ نانگراج



هڪڙو زمانو اهڙو به هو، جڏهن سنڌ کان ٻاهر ڪنهن ملڪ ۾ وڃبو هو ته سنڌي ماڻهو ڳولهڻ باوجود مشڪل سان ملندو هو. ڪنهن اوپري شهر جي رستي، ريلوي اسٽيشن، يونيورسٽي، هوائي اڏي يا ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ اوچتو سنڌي ٻولي ٻڌڻ ۾ ايندي هئي ته دل جي حالت بدلجي ويندي هئي. ڄڻ پرديس جي اڻڄاتل ميڙ ۾ پنهنجو ڳوٺ، پنهنجو گهر ۽ پنهنجي ڌرتيءَ جي خوشبو ملي وئي هجي. ٻه سنڌي جڏهن پرديس ۾ ملندا هئا ته، سندن ملاقات رڳو ٻن ماڻهن جي ملاقات نه هوندي هئي، پر اها سنڌ جي دلين جي ٻيهر ڳنڍجڻ جهڙي هوندي هئي. پر هاڻي صورتحال تيزيءَ سان بدلجي رهي آهي.

اڄ دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۽ شهرن ۾ سنڌي ماڻهو تعليم، روزگار، ڪاروبار، تحقيق، تعليم، طب، قانون، انجنيئرنگ، صحافت، ٽيڪنالاجي ۽ ٻين شعبن ۾ موجود آهن. هاڻي برطانيا، يورپ، آمريڪا، ڪئناڊا، آسٽريليا ۽ وچ اوڀر جي ڪيترن ئي شهرن ۾ سنڌي ماڻهن سان ملڻ ڪا وڏي ڳالهه نه رهي آهي. اها تبديلي دل کي خوش ڪندڙ آهي. تازو لڳ ڀڳ ڇهه مهينا مان برطانيا ۾ رهي آيو آهيان. ان عرصي دوران مون محسوس ڪيو ته سنڌي رڳو لنڊن جهڙي وڏي شهر تائين محدود ناهن. پر اهي برطانيا جي ٻين ڪيترن ننڍن توڙي وڏن شهرن ۾ به آباد آهن. جتي به ڪنهن سنڌيءَ سان ملاقات ٿي، اتي روايتي سنڌي قرب، سڪ، مهمان نوازي ۽ پنهنجائپ محسوس ٿي.

اتي ڪين پنهنجي زندگيءَ جي شروعات نئين سر ڪرڻي پئي. ڪن کي پنهنجي قابليت کان گهٽ ڪم ڪرڻو پيو، ڪن کي ٻيهر تعليم حاصل ڪرڻي پئي ۽ ڪِن کي روزگار سان گڏ پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ خاندان جي سنڀال ڪرڻي پئي. ان جدوجهد ۾ سندن وقت، توانائي ۽ مالي وسيلا گهڻو ڪري پنهنجي خاندان کي مستحڪم ڪرڻ ۾ لڳا آهن.

اسان کي انهن جي محنت کي صرف ان بنياد تي نه ڏسڻ گهرجي ته هنن ڪهڙي نوڪري يا ڪاروبار حاصل ڪيو؛ اصل ۾ هنن ايندڙ پيڙهيءَ لاءِ هڪ نئون رستو ٺاهيو آهي. سندن اولاد کي اهي موقعا ملي رهيا آهن، جيڪي شايد پهرئين نسل کي نه مليا هئا. پر هتان ئي اصل قومي امتحان شروع ٿئي ٿو.

**ٻي ۽ ٽين پيڙهي : سنڌ لاءِ سڀ کان وڏو امڪان ۽ سڀ کان وڏو سوال**

برطانيا، يورپ ۽ ٻين ملڪن ۾ پيدا ٿيندڙ سنڌي ٻار اتان جي اسڪولن، يونيورسٽين، ميڊيا، ٻولين ۽ سماجي ماحول ۾ پلجن ٿا. سندن سوچ، اعتماد، تعليم ۽ پيشيوراڻيون صلاحيتون اتان جي جديد نظام تحت پروان چڙهن ٿيون. هو عالمي معيار جي تعليم، تحقيق، قانون، ٽيڪنالاجي، صحت ۽ ڪاروبار ۽ انتظامي نظام سان ننڍپڻ کان واقف ٿين ٿا. اهي ٻار مستقبل ۾ ڊاڪٽر، سائنسدان، وڪيل، استاد، انجنيئر، محقق، پاليسي ماهر، ڪاروباري اڳواڻ ۽ سرڪاري عملدار بڻجي سگهن ٿا ۽ بڻجي رهيا آهن ۽ سندن اندر ۾ سنڌ لاءِ غيرمعمولي طاقت ۽ امڪان موجود آهي، پر اهو امڪان پاڻمرادو سنڌ جي فائدي ۾ تبديل نه ٿيند. جيڪڏهن گهر کان ٻاهر سندن رابطو گهڻو ڪري ٻين قومن ۽ ٻولين جي نوجوانن سان هوندو، جيڪڏهن سنڌي ٻولي سکڻ لاءِ ماحول نه هوندو، جيڪڏهن ڪين سنڌ جي تاريخ، ادب، تهذيب، مسئلن ۽ امڪانن سان واقفيت نه ڏني ويندي، ۽ جيڪڏهن سندن عمر ۽ دلچسپين مطابق ڪو گڏيل پليٽفارم نه هوندو، ته وقت سان سنڌ سان سندن تعلق فقط والدين جي يادگيرين تائين محدود ٿي سگهي ٿو.

والدين چوندا ته، ”اسان جو ڳوٺ هتي هو، اسان جو شهر هتي هو، اسان جي ٻولي سنڌي آهي،“ پر ٻار لاءِ سنڌ رڳو نقشو، پراڻي تصوير يا موڪلن دوران ڏٺل جاءِ بڻجي سگهي ٿي، ان ڪري اصل سوال اهو

> هڪ اهڙو عالمي، غيرسياسي ۽ غيرمنافعي بخش نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن جو مرڪز نوجوان، تعليم، ٻولي، پيشيوراڻي رهنمائي ۽ سنڌ جي ترقي هجي، ان نيٽ ورڪ تحت هي ڪم ٿي سگهن ٿا، مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ماهرن، شاگردن، ڊاڪٽرن، استادن، وڪيلن، سائنسدانن، ڪاروباري ماڻهن ۽ سماجي ڪارڪنن جو رضاڪاراڻو ۽ محفوظ ڊيٽابيس ٺاهيو وڃي، لنڊن، مانچسٽر، برمنگهم، ناٽنگهم ۽ ٻين شهرن ۾ نوجوانن جون شاخون هجن، جن جي اڳواڻي خود نوجوان ڪن ۽ تعليم، ڪتابن، ڊجيٽل لائبريرين، سائنس ليبارٽرين، نوجوانن جي تربيت ۽ ٻوليءَ جي رٿائن لاءِ ننڍيون گرانٽون ڏنيون وڃن.

پرديس ۾ جڏهن ڪو ماڻهو سنڌيءَ ۾ پڇي ٿو، ”سائين، ڪيئن آهيو؟ سنڌ ۾ سڀ خير آهي؟“ ته اهي لفظ رڳو خيريت جا لفظ نٿا رهن، پر دل جي اندر موجود وطن جي سڪ کي ڇهي وڃن ٿا. ڪيترن سنڌين سان ملڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو ته سندن دلين ۾ سنڌ بابت فڪرمندي موجود آهي. هو سنڌ جي تعليم، نوجوانن، زراعت، روزگار، حڪمراني، ثقافت ۽ مستقبل بابت سوچين ٿا. ڪيترن ماڻهن جي اندر اهو جذبو به آهي ته هو پنهنجي ڄاڻ، وسيلن ۽ تجربي مان سنڌ لاءِ ڪجهه ڪن. اها ڳالهه تمام قيمتي آهي، ڇاڪاڻ ته قومي ترقي رڳو ملڪ جي سرحدن اندر رهندڙ ماڻهن جي ذميواري نه هوندي آهي، پر دنيا ۾ پکڙيل ماڻهو به پنهنجي وطن لاءِ علمي سفير، صلاحڪار، استاد، سيڙپڪار، رهنما ۽ موقعن جا دروازا کوليندڙ ٿي سگهن ٿا.

**پهريون نسل: محنت، جدوجهد ۽ نئين زندگيءَ جي اڏاوت**

سنڌ مان برطانيا ۽ ٻين ملڪن ۾ وڃي وسيل گهڻا سنڌي پهرئين نسل سان تعلق رکن ٿا. انهن مان ڪيترن کي نئين ملڪ ۾ تعليم، نوڪري، رهائش، قانوني گهرجن، ٻولي، موسم ۽ سماجي ماحول سان پاڻ کي هم آهنگ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت ڪرڻي پئي آهي. ڪي ماڻهو پنهنجو سنو عهدو ۽ سڃاڻپ سنڌ ۾ ڇڏي ٻاهر ويا، پر

ناهي ته ٻاهر رهندڙ سنڌي پنهنجي وطن سان محبت ڪن ٿا يا نه، اصل سوال اهو آهي ته: ڇا سندن محبت ايندڙ پيڙهين تائين علمي، ثقافتي ۽ تنظيمي طريقي سان منتقل ٿي رهي آهي؟

**سنڌيت رڳو اجرڪ پائڻ يا گيت ٻڌڻ جو نالو ناهي**

سنڌيت کي رڳو ثقافتي پروگرامن، راڳ، اجرڪ، ٽوپي يا روايتي ڪاڌي تائين محدود ڪرڻ درست نه ٿيندو. اهي سڀ شيون اسان جي سڃاڻپ جا قيمتي حصا ضرور آهن، پر سنڌيت جو مطلب ان کان گهڻو وسيع آهي. سنڌيت جو مطلب پنهنجي ٻوليءَ سان محبت، پنهنجي تاريخ جي ڄاڻ، پنهنجي ڌرتيءَ جي ماڻهن لاءِ ذميواري، علم جي عزت، رواداري، انسان دوستي، عورتن جي احترام، مختلف عقيدن جي قبوليت ۽ ڪمزور ماڻهن جي مدد ڪرڻ پڻ آهي. سنڌيت ڪنهن ٻي قوم جي خلاف هجڻ جو نالو نه آهي، پر اها پنهنجي سڃاڻپ وڃائڻ کان سواءِ دنيا سان گڏ هلڻ جي صلاحيت آهي. هڪ سنڌي نوجوان هڪ ئي وقت برطانوي، يورپي يا آمريڪي سماج جو ذميوار شهري ۽ سنڌي ثقافت جو امين ٿي سگهي ٿو. ٻنهي سڃاڻپن ۾ ڪو تضاد ضروري ناهي. شرط رڳو اهو آهي ته کيس پنهنجي تاريخ، ٻولي ۽ وطن سان ڳنڍڻ لاءِ مثبت، جديد ۽ علمي ماحول فراهم ڪيو وڃي.

**هندستاني سنڌين جو تجربو: سکڻ لاءِ هڪ اهم تاريخ**

ورهاڱي کان پوءِ هندستان ۽ ٻين ملڪن ڏانهن لڏي ويل سنڌين پنهنجي محنت، ڪاروباري صلاحيت ۽ تعليم وسيلي معاشي طور وڏي ترقي ڪئي آهي. ڪيترن خاندانن عالمي سطح تي نمايان ڪاميابيون حاصل ڪيون، پر وقت گذرڻ سان ڪجهه خاندانن ۽ علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي روزمره استعمال ۽ سنڌ سان سڌي وابستگي ڪمزور ٿي. هاڻي انهن ئي برادرين ۾ سنڌي ٻولي، موسيقي، ادب، تاريخ ۽ نوجوانن جي سڃاڻپ کي ٻيهر مضبوط ڪرڻ لاءِ نئين سوچ پيدا ٿي رهي آهي. ان تجربي مان اسان کي اهو سبق ملي ٿو ته معاشي ترقي ضروري آهي، پر ٻولي ۽ قومي سڃاڻپ کي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪرڻ لاءِ باقاعده ادارا، تعليمي سرگرميون ۽ نوجوانن جا نيٽ ورڪ به ضروري آهن. ثقافت رڳو يادگيريءَ سان زنده نٿي رهي، پر اها سکڻ، لکڻ، ڳالهائڻ، گڏجڻ ۽ نين حالتن مطابق اڳتي وڌائڻ سان زنده رهي ٿي.

**سانا ڪانفرنس ۾ محسوس ٿيل ضرورت**

برطانيا ۾ رهڻ دوران مون لنڊن ۾ ٿيل سانا جي هڪ ڪانفرنس ۾ به شرڪت ڪئي. اتي پڻ اها ڳالهه محسوس ڪئي وئي ته ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ ۽ اتي پيدا ٿيل سنڌي نوجوانن کي هڪ ٻئي ۽ سنڌ سان ڳنڍڻ جي سخت ضرورت آهي. اهي نوجوان الڳ الڳ شهرن، اسڪولن، يونيورسٽين ۽ پيشيور شعبن ۾ موجود آهن، پر گهڻو ڪري هڪ ٻئي کان اڻواقف آهن. ڪين اهڙي گڏيل جڳهه کپي، جيڪا سندن عمر، تعليم، ٻولي ۽ مستقبل جي ضرورتن مطابق هجي. وڏي عمر وارا ماڻهو پاڻ ۾ صلاحون، تقريرون ۽ ملاقاتون ڪري سگهن ٿا، پر جيڪڏهن نوجوان پاڻ ۾ نه ڳنڍيا ته انهن سرگرمين جو اثر گهڻو ڪري موجوده پيڙهيءَ تائين محدود رهندو. ايندڙ دور جو قومي فائدو تڏهن ٿيندو، جڏهن لنڊن جو سنڌي نوجوان مانچسٽر، برمنگهم، ناٽنگهم، گلاسگو، ايمسٽرڊيم، برلن، ٽورانٽو، نيويارڪ، سڊني ۽ سنڌ جي نوجوانن سان سڌو علمي ۽ پيشيور رابطو قائم ڪري سگهندو. سنڌيت جو مستقبل صرف وڏن جي تقريرن سان نه، پر نوجوانن جي دوستين، گڏيل منصوبن، تحقيق، انٽرن شپ، ڊجيٽل رابطن ۽ عملي خدمتن سان مضبوط ٿيندو.

**آئرلينڊ جو مثال: پرديس کي قومي طاقت ۾ بدلائڻ**

دنيا ۾ ڪيترين قومن پنهنجي پرديسي آباديءَ کي رڳو جذباتي حمايت ڪندڙ نه، پر قومي ترقيءَ جي پائيوار طور منظم ڪيو آهي. آئرلينڊ جو مثال اسان لاءِ خاص سکيا رکي ٿو. آئرلينڊ پنهنجي عالمي برادريءَ سان لاڳاپا مضبوط ڪرڻ لاءِ باقاعده سرڪاري Diaspora Strategy 2026–2030 اختيار ڪئي آهي. ان سان گڏ عالمي آئرش تنظيمن جي ڊائريڪٽري، ثقافتي وسيلا، نوجوانن ۽ پيشيور نيٽ ورڪن سان رابطا، ۽ مختلف ملڪن ۾ آباد آئرش برادرين لاءِ مدد جا پروگرام هلن ٿا. آئرش حڪومت جو Emigrant Support Programme 2004ع کان ڪم ڪري رهيو آهي. سرڪاري انگن موجب ان پروگرام 53 ملڪن ۾ 900 کان وڌيڪ تنظيمن جي مدد ڪئي آهي ۽ مجموعي طور 265 ملين يورو کان وڌيڪ رقم فراهم ڪئي وئي آهي. ان مدد جو مقصد رڳو ثقافتي ميلن تائين محدود ناهي؛ ان ۾ آئرش سڃاڻپ، سماجي خدمتون، پيشيور ۽ ڪاروباري نيٽ ورڪ، ڊجيٽل رابطا، تحقيق ۽ ٻاهرين ملڪن ۾ رهندڙ ٻي ۽ ايندڙ پيڙهين جي شموليت به شامل آهي.

آئرلينڊ عالمي برادرين کي هڪ ٻئي سان ڳنڍڻ لاءِ Global Irish Civic Forum جهڙا ادارتي فورم پڻ قائم ڪيا. 2017ع واري فورم ۾ 16 ملڪن جي 150 کان وڌيڪ تنظيمن جا 220 کان وڌيڪ نمائندا شريڪ ٿيا، جن حڪومت ۽ عالمي آئرش برادرين وچ ۾ مسئلن، موقعن ۽ گڏيل منصوبن تي بحث ڪيو. انهن عالمي تنظيمن کي ڳنڍڻ لاءِ آئرش ڊائسپورا ڊائريڪٽري پڻ ٺاهي، جنهن ۾ مختلف ملڪن جون سوين ثقافتي، سماجي، فلاحي، تعليمي ۽ پيشيور تنظيمون شامل ڪيون ويون. مقصد اهو هو ته ماڻهو هڪ ٻئي کي ڳولي، تجربا ورهائي ۽ گڏيل

ڪم شروع ڪري سگهن.
آئرلينڊ جو سبق اهو ناهي ته سنڌي ان جي هر منصوبي جي نقل ڪن. پر اصل سبق اهو آهي ته: پرديس ۾ رهندڙ قومي آباديءَ سان تعلق ڪي رڳو جذباتي نعرن تي نه، پر پاليسي، ڊيٽا، فنڊنگ، ادارن، نوجوانن، تعليم ۽ مستقل رابطي تي بيهارڻ گهرجي.

**سنڌين لاءِ هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟**

اسان وٽ اڳ ئي ڪيترائي سنا ماڻهو، تنظيمون ۽ پليٽفارم موجود آهن. ڊاڪٽر گل ميتلي پاران دوستن سان گڏ جوڙيل سنڌ فورم، ڊاڪٽر قادر سرڪي ۽ ساٿين جا پليٽفارم، يورپ ۾ سنڌياڻين جون تنظيمون، سانا ۽ مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪندڙ سنڌي گروپ اهم شروعات آهن. انهن کي مقابلي ڪندڙ ادارن بدران هڪ ٻئي جا ساٿي بڻجڻ گهرجي. هر تنظيم پنهنجي سڃاڻپ برقرار رکي سگهي ٿي، پر نوجوانن، تعليم، تحقيق ۽ سنڌ جي ترقيءَ بابت گڏيل ايجنڊا تي گڏ ڪم ڪري سگهجي ٿو.

هڪ عالمي سنڌي نوجوان ۽ ترقياتي نيٽ ورڪ: هڪ اهڙو عالمي، غيرسياسي ۽ غيرمنافعي بخش نيٽ ورڪ قائم ڪرڻ گهرجي، جنهن جو مرڪز نوجوان، تعليم، ٻولي، پيشيوراڻي رهنمائي ۽ سنڌ جي ترقي هجي. ان نيٽ ورڪ تحت هي ڪم ٿي سگهن ٿا:

عالمي سنڌي ڊائريڪٽري: مختلف ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي ماهرن، شاگردن، ڊاڪٽرن، استادن، وڪيلن، سائنسدانن، ڪاروباري ماڻهن ۽ سماجي ڪارڪنن جو رضاڪاراڻو ۽ محفوظ ڊيٽابيس ٺاهيو وڃي.

نوجوانن جي شهر وارين شاخن جو قيام: لنڊن، مانچسٽر، برمنگهم، ناٽنگهم ۽ ٻين شهرن ۾ نوجوانن جون شاخون هجن، جن جي اڳواڻي خود نوجوان ڪن.

سنڌي ٻوليءَ جا هفتي وار يا آن لائن ڪلاس: ٻارن کي پراڻن ۽ ڏکين طريقن بدران جديد ايپس، ڪهاڻين، ڪارٽونن، گيتن، رانديڪن ۽ ڊجيٽل مواد وسيلي سنڌي سيکاري وڃي.

تعليم ۽ روزگار بابت مينٽورشپ: ٻاهرين ملڪن ۾ موجود سنڌي ماهر، سنڌ ۽ پرديس جي نوجوانن کي يونيورسٽين، اسڪالرشپن، تحقيق، نوڪري، انٽرويو ۽ پيشيور ترقيءَ بابت رهنمائي ڏين.

سنڌي نوجوانن جو عالمي فورم: هر سال مختلف ملڪ ۾ يا آن لائن هڪ اهڙي گڏجاڻي ٿئي، جتي نوجوان پاڻ ڳالهائين، پنهنجا خيال، تحقيق، ڪاروباري منصوبا ۽ سماجي خدمتون پيش ڪن.

ننڍين ترقياتي رٿائن لاءِ شفاف فنڊ: تعليم، ڪتابن، ڊجيٽل لائبريرين، سائنس ليبارٽرين، نوجوانن جي تربيت ۽ ٻوليءَ جي منصوبن لاءِ ننڍيون گرانٽون ڏنيون وڃن. ان فنڊ جو حساب، چونڊ ۽ نتيجا مڪمل طور شفاف هجن.

**پرديسي سنڌي رڳو مالي مدد جو ذريعو ناهن**

اسان کي پنهنجي هيءَ سوچ بدلائڻ گهرجي ته ٻاهر رهندڙ سنڌيءَ کي صرف چندو ڏيندڙ يا مالي مدد ڪندڙ سمجهون. سندس سڀ کان وڏي طاقت شايد پئسو نه، پر سندس ڄاڻ، تجربو، عالمي رابطا، نظامن جي سمجهه ۽ مسئلن کي نئين نظر سان ڏسڻ جي صلاحيت آهي. برطانيا ۾ مون ڪيترن سنڌين کي پنهنجي پنهنجي حيثيت ۾ سنڌ ۽ سنڌين لاءِ فڪرمند ۽ سرگرم ڏٺو. ڊاڪٽر دائم درواڻ، ڊاڪٽر علي نواز مهر، ڊاڪٽر شريف ابڙو ۽ سندن ٻارڙا، بئريسٽر شاهد حسين سومرو، ڊاڪٽر قادر سرڪي، ڊاڪٽر گل بليدي، ادي ڊاڪٽر نسرين، ڊاڪٽر وقار خشڪ، مسعود احمد قريشي، دريا خان بليدي ۽ ڪيترائي ٻيا دوست ۽ نوجوان پنهنجي پنهنجي شعبي ۽ صلاحيت مطابق ڪم ڪري رهيا آهن. انهن ماڻهن جي موجودگي اميد جو وڏو سبب آهي. ضرورت رڳو اها آهي ته انفرادي ڪوشش کي هڪ گڏيل، منظم ۽ ڊگهي مدي واري تحريڪ ۾ تبديل ڪيو وڃي.

**سنڌ حڪومت ۽ يونيورسٽين جي ذميواري**

اهو ڪم رڳو پرديسي سنڌين تي ڇڏڻ به مناسب ناهي. سنڌ حڪومت، يونيورسٽين، ثقافتي ادارن، ادبي تنظيمن، چيمبرس ۽ سماجي ادارن کي به ذميواري کڻڻ گهرجي. سنڌ حڪومت وٽ پرديس ۾ رهندڙ سنڌين بابت باقاعده رابطا ۽ پاليسي هجڻ گهرجي. يونيورسٽين کي عالمي سنڌي ماهرن سان مهمان ليڪچر، گڏيل تحقيق، آن لائن ڪورس ۽ شاگردن جي مينٽورشپ جا پروگرام شروع ڪرڻ گهرجن. ان طرح سنڌي ٻوليءَ جي ادارن کي ٻاهر پيدا ٿيل ٻارن لاءِ آسان ۽ جديد نصاب ٺاهڻ گهرجي. ■

mustafanangraj@gmail.com

# جاپان ۾ رهندڙ سنڌين جي مهمانوازي

قربان منگي

29 مارچ 2026ع تي معمول مطابق سجاڳ ٿياسي. وهنجي سهنجي ڪجهه ئي دير ۾ نيپالي هوٽل تي پهتاسين، جو اهو ڪُلندو ئي يارهين وڳي کانپوءِ هو. نيرن/مانجهاندو ڪيوسي. اڄ اسان کي آفتاب ڪلهوڙي سان گڏ گهمڻو ڦرڻو هيو. اهڙي ڪميٽمينٽ هن سان اسان ڪالهه ڪئي هئي. اسان هوٽل تان اٿي وري ساڳئي مارڪيٽ ۾ ڦيرا ڏيڻ شروع ڪيا، جيستائين آفتاب ڪلهوڙو اچي.

آفتاب ڏاڍي دير ڪري آيو. شامَ جا پاڇا پئي لَڙيا. بهرحال اسان سڀ سندس گاڏيءَ ۾ ويٺاسي ۽ گاڏيءَ وري ڪلهه وانگر جپان ۾ رهندڙ سنڌين جي مرڪز "ڪُوبا" جو رخ ڪيو، جتي فاروق مهر پاران رات جي مانيءَ تي دعوت ڏنل هئي. اڳ ۾ به ذڪر ڪري چڪو آهيان ته، "ڪوبا" ۾ سنڌين جا گهر ۽ يارڊ آهن، جن مان هڪڙو وڏو يارڊ فاروق مهر جو به آهي. اتي پهتاسون ته سنگت انتظار ۾ ويٺي هئي. اسٽيج ٺاهي وئي هئي، جنهن کي اجرڪن ۽ رلهين سان سينگاريو ويو هيو. علي جوهر زيدي به قوالن سميت اچي اتي پهتو.

اتي جيڪا سنڌي سنگت موجود هئي، انهن ۾ محمد ايوب مهر ۽ سندس پٽ نثار مهر، محسن مهر ۽ سجاد مهر شامل هئا. ٽئي پائر گاڏين جي خريد ۽ وڪري جو ڪاروبار ڪن ٿا. نثار مهر Work Jee Japan جي نالي سان هڪ آرگنائيزيشن به ٺاهي آهي، جنهن جو مقصد آهي، سنڌ جي نوجوانن کي جاپان ۾ روزگار ڏيارڻ.

حميد سومري جو تعلق سکر سان آهي. هو گذريل ٽن ڏهاڪن کان جاپان ۾ رهي ٿو ۽ گاڏين جو واپار ڪري ٿو. هو سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جو به سرگرم اڳواڻ آهي. ذوالفقار مهر، جيڪو ايوب مهر جو ننڍو ڀاءُ آهي، اهو به گذريل پندرنهن سالن کان جاپان ۾ رهي ٿو ۽ گاڏين جو واپار ڪري ٿو. آفتاب ڪلهوڙو گهوٽڪيءَ کان اچي جاپان جو ٿيو آهي. ڪيس هتي پنج سال ٿي ويا آهن ۽ هو به گاڏين جو واپار ڪري ٿو. آفتاب ڪلهوڙي ٻڌايو ته سندس والد مرحوم ۽ ايوب مهر گهاٽا دوست هيا ۽ ٻئي گڏجي 1988ع ۾ جاپان ۾ اچي آباد ٿيا هئا.

ايوب مهر، آفتاب ڪلهوڙي جو سُهرو به ٿئي. نثار مهر هتي ٽيڪنيڪل انٽرنشپ ٽريننگ پروگرام هلائي رهيو آهي، جنهن تحت هو 40 کان مٿي سنڌي نوجوان جاپان گهرائي چڪو آهي. اختر اوٻاهي گذريل ٽن سالن کان جاپان ۾ رهي ٿو. هو سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر به آهي. عرفان اوٻاهي پڻ ڪشمور جو آهي. عبدالصمد اعواڻ، عبدالحڪيم مهر، نويد احمد ٿهيم ۽ سمير احمد مهر پڻ ڪچهريءَ ۾ شامل هئا.

اڄوڪي ڪچهريءَ ۽ سانجهاندي جو ميزبان فاروق مهر، جيڪو ڇڪ جو رهواسي آهي، ان جي ئي عاليشان يارڊ تي هيءَ محفل مٿي هئي. ڪلهه جنهن يارڊ ۾ دعوت هُئي اهو عبدالحميد سومري


ڪوبي ۾ رهندڙ سنڌين کي ملهه پهلوان سنڌ جون ثقافتي سوکڙيون ڏئي رهيا آهن.

جو هيو. سنگت ساٿ جامُ هئي. ڪوشش ڪريان ٿو دوستن کي ياد ڪري سگهان. عبدالقادر ٻهليم، غلام فريد مهر، نصر الله ٻهليم، ذوالفقار مهر، سجاد مهر، نويد ٿهيم، سهراب ڏهر، فرمان کهڙو (جيڪو گمبٽ جو آهي)، علي خان مهر، صالح محمد سيٽار، نويد سومرو ۽ ٻيا....

سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جو باني ايوب مهر، غلام فاروق مهر، عبدالقادر ٻهليم، عبدالحميد سومرو... اهي سَڀُ 38 سالن کان وٽي هتي پنهنجي خاندانن سميت آباد آهن. ٻڌايائون ته، هن تنظيم جي پليٽ فارم تان هُو جاپان ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي حوالي سان مختلف تقريبون ڪرائيندا رهندا آهن. گذريل سال هنن اياز لطيف پليجي کي به دعوت ڏئي گهرايو هو ۽ ساڻس رهاڻ رچائي هيائون.

> سنڌي ايسوسيئيشن آف جاپان جو باني ايوب مهر، غلام فاروق مهر، عبدالقادر ٻهليم، عبدالحميد سومرو... اهي سَڀُ 38 سالن کان وٽي هتي پنهنجي خاندانن سميت آباد آهن. ٻڌايائون ته، هن تنظيم جي پليٽ فارم تان هُو جاپان ۾ سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جي حوالي سان مختلف تقريبون ڪرائيندا رهندا آهن. گذريل سال هنن اياز لطيف پليجي کي به دعوت ڏئي گهرايو هو ۽ ساڻس رهاڻ رچائي هيائون.

ڪچهريءَ جا رنگ اوج تي هيا. ماني ۽ وري قوالن جو مست رنگ. سنڌين جي هٿن ۾ نوٽن جو دستيون هيون، جيڪي هُو قوالن جي مٿان نوٽ گهوري رهيا هئا. جاپان جو ننڍي ۾ ننڍو نوٽ پاڪستاني 1850 رپين جي برابر آهي، سو تصور ڪيو ته قوالن کي ڪيتري گهور پئي هوندي. قوالَ به گهورَ تي گهوماٽيون کائيندي سنڌي ڪلامن تي لهي آيا. سچل جو "گهنڊ کول ديدار ويڪائو مين آيا مُک ويکڻ" ڳاتائون، آخر ۾ "هو جمالو" ڳائي جاپان ۾ رهندڙ سنڌين کي مست ڪري ڇڏيائون.


محمد صديق بگٽي، سيد علي جوهر زيدي، قربان منگي، آفتاب ڪلهوڙو ۽ محرم علي مجيداڻو.

مون سوچيو پئي، قوالن ته جام ڪمايو، ملهه پهلوانن ويچارن کهڙو ڏوهه ڪيو؟ انهن جي به هتان جا سنڌي جيڪر سهائيتا ڪن ها. پوءِ خبر پئي ته سنڌين، پهلوانن کي "سَرِعام" نه، ڪُنڊن پاسن ۾ وچي "ونڊ" ڪرايو هيو.



سعيد منگي، قربان منگي، سيد علي جوهر زيدي ۽ صابري قوال گروپ

محفل هلندي پاڪستان ايمبيسي ٽوڪيو مان فون اچي ويو ته، "اوهان اجازت ڏيو ته اوهان جون ملاڪڙي جون پريل وڊيوز اسان پنهنجي آفيشل فيس بڪ تي رکون؟" اسان چيو، "ڀلي رکو، ان ۾ کهڙي خراب ڳالهه آهي؟" اهو احساس ضرور ٿيو ته وٽن ذميداريءَ جو احساس ڪيترو آهي، جو مالڪن جي اجازت کان سواءِ ڪا وڊيو ۽ تصوير به پنهنجي اڪائونٽ تي نه ٿا رکن.

رات دير تائين اها ڪچهري هلي ۽ رات جو دير سان سنگت اسان کي، اسان واري اپارٽمينٽ جي پرسان واقع مارڪيٽ ۾ ڇڏي وئي. بازار ۾ ٿورڙو گهمي اسان پنهنجي ٺاڪَ تي پهتاسي. ان وقت رات جو هِڪ پئي ٿيو. ■

# چانديءَ جو اڻ اُجڙيل ڳهه - هڪ حساس دل جو روزنامچو

نويد سنڌيلو



سنڌي ادب جي تاريخ ۾ ڪنهن اهڙي ڪتاب جو اچڻ، جيڪو انسان جي داخلي ڪيفيتن، سماجي ناانصافين ۽ ڪائناتي سچائين کي هڪ ئي وقت پنهنجي جهوليءَ ۾ سموهي بيٺو هجي، هڪ وڏو ادبي ڪم ۽ خوشگوار تجربو آهي. روشن علي تنيو جو ڪتاب ”چانديءَ جو اڻ اُجڙيل ڳهه (ڊائري)“، جنهن کي اسان جي دور جي سچيت سرجڻهار محمد علي پٺاڻ وڏي عرق ريزيءَ سان سهيڙيندڙ جي حيثيت ۾ پيش ڪيو آهي، تنهن جي ڇپائي سنڌي نثري ادب ۾ هڪ نئين فڪري بحث جي شروعات ڪري ٿي. هيءُ ڪتاب رڳو روايتي داستانن يا يادگيرين جو مجموعو ناهي، پر هڪ انسان جي روح جو اهو اتهاس آهي، جيڪو 1962ع کان وٺي 1980ع جي ڏهاڪن تائين پکڙيل تاريخي، سماجي ۽ نفسياتي مشاهدن مان ڦٽي نڪتو آهي.

ليکڪ ڪتاب جي شروعات ۾ ئي محبت جهڙي لافاني جذبي تي تمام گهري ۽ فلسفياڻي انداز ۾ بحث ڪيو آهي. عام طور محبت کي دائمي ڇيو ويندو آهي، پر ليکڪ پاڻ کي انهن منفرد مشاهدن جي روشنيءَ ۾ ان کي فاني، ناپائيدار ۽ عارضي ملاقاتن جو نالو ڏئي ٿو. هن جو خيال آهي ته جنسي خواهشن جي تڪميل تي هيءُ جذبو اڪثر ختم ٿي ويندو آهي ۽ روح کي رڳو رنج ۽ مصيبتون رسائيندو آهي، پر ان سڄي درد جي باوجود ليکڪ دنيا جي حسن، گهلندڙ هوا جي جهوٽن، چمڪندڙ چنڊ ۽ ندين جي لهرن مان دلداري حاصل ڪرڻ جو گُر ڄاڻي ٿو. هن ڪتاب ۾ سماجي ناانصافين جو تذڪرو ڪندي، ليکڪ هڪ معصوم هاريءَ جو ذڪر ڪري ٿو، جنهن کي مئجسٽريٽ جي رياڪاريءَ سبب ٻارهن سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي. هڪ حساس اديب جو درد تڏهن ظاهر ٿئي ٿو، جڏهن هو چوي ٿو ته هو ان هاريءَ کي بي ڏوهي هوندي به بچائي نه سگهيو ۽ سندس هٿڪڙي لهرائي نه سگهيو. اها بي حسي رڳو قانون جي ناهي، پر ان سماج جي به آهي، جتي غريب جسم کان حياتيءَ جو هار کسيو وڃي ٿو.

ڪتاب جو هڪ وڏو حصو فلسفي، مذهب ۽ انساني تاريخ جي ازلي ڪردارن — آدم ۽ حوا جي چوڌاري ڦري ٿو. ليکڪ پنهنجو پاڻ کي آدم زاد ڪوٺي ٿو، جيڪو عرش تان ڪِري فرش تي پيو آهي ۽ هو پنهنجي گناهن جو اعتراف وڏي بهادريءَ سان ڪري ٿو.

هن ڊائريءَ جي نوٽس ۾، خاص ڪري آڪٽوبر ۽ نومبر 1979ع جي لکڻين ۾، ليکڪ هڪ نهايت ئي تڪليف ڏيندڙ پر سچي حقيقت تان پردو کڻي ٿو. هو لکي ٿو ته، ”مان جانور آهيان، انسان صرف منهنجو نالو آهي.“ هن جو فڪر ڏيکاري ٿو ته اڄ جو ترقي يافته انسان لکين سالن جي تهذيب، مذهب، اخلاقيات ۽ قانونن جي باوجود اڃا تائين جهنگلي ۽ وحشي جبلتون رکي ٿو. انسان جي ويڙهه واري جبلت تي بحث ڪندي هو

> **هن ڊائريءَ جي نوٽس ۾، خاص ڪري آڪٽوبر ۽ نومبر 1979ع جي لکڻين ۾، ليکڪ روشن علي تنيو هڪ نهايت ئي تڪليف ڏيندڙ پر سچي حقيقت تان پردو کڻي ٿو. هو لکي ٿو ته، ”مان جانور آهيان، انسان صرف منهنجو نالو آهي.“ هن جو فڪر ڏيکاري ٿو ته اڄ جو ترقي يافته انسان لکين سالن جي تهذيب، مذهب، اخلاقيات ۽ قانونن جي باوجود اڃا تائين جهنگلي ۽ وحشي جبلتون رکي ٿو.**

واضح ڪري ٿو ته جنگ ڪڏهن به امن لاءِ ناهي لڙي ويندي. دنيا جي هر جنگ زر، زمين، زال يا ذاتي مفادن جي پٺيان لڙي وئي آهي.


ڪتاب جو ليکڪ فضا ۾ اڏامڻ، چنڊ ۽ سج تي پهچڻ جي ناممڪن تصورن تي به سوچي ٿو. ليکڪ وقت کي ڪائنات جي طبعي صلاحيتن جي ”رفتار“ ڪوٺي ٿو، جنهن جو وڏو دارومدار سج جي طاقت تي آهي. جيڪڏهن سج سرد ٿي وڃي ته وقت جو هيءُ سڄو نظام هڪ هنڌ ڄمي بيهي رهندو. ليکڪ ماضيءَ کي حال جو پيءُ ماءُ ۽ حال کي مستقبل جو بنياد قرار ڏئي ٿو، جيڪي سڀ گڏجي هڪ اڻ کٽ ”ڊائري“ جي شڪل اختيار ڪن ٿا. روشن علي تنيو جو هيءُ ڪتاب سنڌي ادب ۾ رڳو پڙهڻ لاءِ ناهي، پر سوچڻ، پنهنجي اندر جي وحشيءَ کي سڃاڻڻ ۽ ڪائناتي سچائين کي قبول ڪرڻ جو هڪ آئينو آهي. هيءَ هڪ اهڙي سچي، کري ۽ فلسفياڻي ذهن جي عڪاسي آهي، جيڪو سماج جي فولادي زنجيرن کي ٽوڙڻ چاهي ٿو. محمد علي پٺاڻ جي سهيڙيندڙ واري ڪوشش ۽ روحي پبليڪيشن ڪراچي جي هيءُ پيشڪش سنڌ جي ادبي حلقن ۾ وڏي عرصي تائين ياد رکي ويندي. هيءُ ڪتاب هر ان پڙهندڙ لاءِ هڪ قيمتي سرمايو آهي، جيڪو زندگي، موت، گناهه ۽ محبت جي دائرن مان گذرڻ جو حوصلو رکي ٿو.

سنڌي ادب ۾ ڊائريءَ جي صنف کي جڏهن اسان تاريخي تناظر ۾ ڏسون ٿا، ته روشن علي تنيو جو هيءُ ڪتاب سنڌ جي عظيم ڏاهن ۽ تخليقڪارن جي هڪ وڏي روايت سان سلهاڙيل نظر اچي ٿو. سنڌي ادب جي عظيم ترين شاعر شيخ اياز پنهنجي جيل ڊائري ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ ۾ جنهن شاندار ۽ فڪري انداز سان قيد جي ڏينهن کي لافاني بڻايو، سا اڄ به سنڌي نثري فڪر جو عروج آهي. اياز جي ڊائري روايتي جيل جي ڊائري ناهي، پر ان عظيم شاعر جو روزنامچو آهي، جيڪو حال جي سياسي حالتن سان گڏ عالمي ادب، شاعري ۽ تاريخ کان روشناس ڪرائي ٿو. ساڳئي وقت سنڌ جي نامور ڏاهي ۽ سياستدان رسول بخش پليجي پنهنجي جيل ڊائري ”ڪوٽ لکپت جو قيدي“ ذريعي سياسي جبر، نظرياتي سچائي ۽ انساني حقن جي جدوجهد جو هڪ تمام گهرو ۽ بهترين خاڪو چِٽيو آهي.

ادبي ڊائرن ۾ قربان سنڌيلي جي ڊائري ”ڊائري جا ورق“ جي نالي سان پنهنجي مخصوص ادبي ۽ فنڪاراڻي سونهن سبب بيحد مشهور ۽ مقبول رهي آهي، جڏهن ته بدر ابڙي جي جيل ڊائري پنهنجي اندروني احساسن ۽ شاعراڻي هڳاءَ سبب هڪ تمام منفرد ۽ ساهه کڻندڙ فڪري دستاويز جي حيثيت رکي ٿي. ان سڄي پسمنظر ۾، روشن علي تنيو جو هيءُ ڪتاب پڻ انهن ئي فڪري پيچرن جو هڪ جديد مظهر آهي.

بين الاقوامي ادب ۾ پڻ ڊائريءَ (Diary) ۽ جيل جي احوالن کي رڳو روزاني جي واقعن جو رڪارڊ ناهي سمجهيو ويو، پر ان کي انساني روح، تاريخي جبر، محبت ۽ فلسفي جو هڪ شاهڪار مادي مظهر تسليم ڪيو ويو آهي. جيئن روشن علي تنيو جي ڪتاب ۾ ذاتي مشاهدن کي ڪائناتي سچائين سان ملايو ويو آهي، تيئن ئي عالمي ادب ۾ پڻ ڪيترين ئي اهڙين ڊائرين ۽ يادگيرين آهن، جيڪي پنهنجي فڪري گهرائيءَ سبب لافاني بڻجي ڪروڙين ذهنن تي اثرانداز ٿيون آهن.

هتي بين الاقوامي ادب مان ڊائريءَ جا ڪجهه اهم ۽ فڪري مثال پيش ڪجن ٿا. پهرين اهم مثال ’اين فرينڪ جي ڊائري‘ The Diary of a Young Girl آهي، جيڪا عالمي ادب جي سڀ کان وڏي پڙهندڙ ۽ اثرائتي ڊائري آهي. ٻي عالمي جنگ دوران هڪ ننڍڙي يهودي ڇوڪري نازين جي ظلم کان بچڻ لاءِ پنهنجي ڪٽنب سميت ٻن سالن تائين هڪ ڳجهي ڪمري ۾ لڪي رهي. فڪري حوالي سان، روشن علي تنيو جي ڪتاب وانگر، جتي سماجي ناانصافي ۽ جنگ جي وحشانيت جو ذڪر آهي، اين فرينڪ پڻ پنهنجي ڊائريءَ ۾ انساني بي حسي، جنگ جي هولناڪي، پر ان سان گڏ انسان جي بنيادي چڱائيءَ تي پنهنجو ايمان ظاهر ڪري ٿي. هن سختين جي باوجود لکيو ته: ”سڀني ڳالهين جي باوجود، مان اڃا تائين يقين رکان ٿي ته انسان دل جو خراب ناهي هوندو.“



جيل جي ڊائريءَ ۽ فاشسٽ ۽ جبر جي فڪري تناظر ۾ هنگرين-برطانوي ڏاهي ۽ ليکڪ آرٿر ڪوئسلر (Arthur Koestler) جو جيل وارو تجربو ۽ سندس شروعاتي دستاويز ”اسپين ۾ موت جي ڊائري“ عالمي ادب جو هڪ انتهائي ڏڪائيندڙ مثال آهي. اسپين جي گهرو جنگ دوران جڏهن ڪوئسلر کي جنرل فرانڪو گرفتار ڪرائي موت جي سزا ٻڌائي جيل ۾ بند ڪيو، ته هن اتي قيد جي ڏينهن ۾ موت سان روبرو ٿي پنهنجي نفسياتي ۽ فلسفاڻي ڪيفيتن کي ڊائريءَ جي ورقن ۾ سميٽيو. هن پنهنجي جيل ڊائريءَ ۾ لکيو ته ڪيئن موت جي ڪوٺڙيءَ ۾ بند انسان وجودي اڪيلائيءَ، خوف ۽ رياستي جبر جو شڪار ٿي پنهنجي مٿان چڙهيل سماجي نقاب لاهي ڏيندو آهي. ڪوئسلر جو اهو جيل جو فڪر، روشن علي تنيو جي ان تيز مشاهداتي سچائيءَ سان گهري هڪجهڙائي رکي ٿو، جتي هو تهذيب ۽ قانونن جي پٺيان لڪل انساني وحشانيت ۽ جيل جي اونداهين ۾ معصوم روحن جي ٿيندڙ تباهي کي چِٽي ٿو.

تنهن کان پوءِ فرانسيسي ادب جي عظيم ڪهاڻيڪار گي دي موپاسان (Guy de Maupassant) جي آخري دور جي ذاتي لکڻين جو مثال آهي، جنهن نفسياتي تنهائيءَ ۾ جنسي جبلتن جي ناپائيداري ۽ محبت کان پوءِ ملندڙ روحاني عذاب کي موضوع بڻايو، جيڪو پڻ روشن علي تنيو جي فڪر سان ويجهو آهي. ساڳئي وقت روسي ادب جو منفرد نالو نڪولائي گوگول (Nikolai Gogol) آهي، جنهن پنهنجي شاهڪار لکڻي ”هڪ چريي جي ڊائري“ (Diary of a Madman) ذريعي سماجي ناانصافي ۽ قانون جي بي حسيءَ تي اهڙو طنزيه تذڪرو ڪيو آهي، جيڪو بلڪل روشن علي تنيو جي ڪتاب ۾ سزا ڀوڳيندڙ ان بي ڏوهي هاريءَ جي الميي سان ميل کائي ٿو، جنهن جي هٿڪڙي لهرائڻ وارو سماج ۾ ڪو به ڪونهي.

ان کان سواءِ، فيودور دوستووسڪي جي ’هڪ ليکڪ جي ڊائري‘ (A Writer's Diary) انساني نفسيات، گناهه جي لذت ۽ سماجي اڻ برابريءَ تي بحث ڪري ٿي. فرانز ڪافڪا جون ڊائريون انساني وجود جي بي معنيٰ هجڻ (Absurdity) جو بهترين مثال آهن، جيڪي ليکڪ جي ان خيال سان تمام ويجهو آهن ته، ”مان جانور آهيان، انسان صرف منهنجو نالو آهي.“ جڏهن ته ورجينيا وولف جون ڊائريون وقت جي وهڪري ۽ انساني لاشعور جي اڻ کٽ دائرن کي ظاهر ڪن ٿيون، جيڪو بلڪل وقت ۽ دائرن واري ان فلسفي جهڙو آهي، جنهن جو ذڪر روشن علي تنيو پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

سنڌي توڙي بين الاقوامي ادب جا اهي شاهڪار مثال پڌرو ڪن ٿا ته جڏهن هڪ حساس اديب قلم کڻي پنهنجي داخلي سچائيءَ کي ڊائريءَ جي ورقن تي اُتاري ٿو، ته اها لکڻي رڳو هڪ شخص جي ذات تائين محدود نه ٿي رهي. آرٿر ڪوئسلر جي جيل جي ڪال ڪوٺڙيءَ کان وٺي شيخ اياز ۽ رسول بخش پليجي جي جيل ڊائرين تائين، روشن علي تنيو جو هيءُ ڪتاب پڻ اڻ کٽ ڊائرين جيان ان ئي عظيم ادبي روايت جو تسلسل آهي، جتي چانديءَ جا اڻ اُجڙيل ورق اڳتي هلي پوري انساني سماج، تاريخ ۽ ڪائناتي سچائين جو هڪ گهرو فڪري آئينو بڻجي وڃن ٿا. ■

## وائي

### ساقي ابڙو



ڪنهن جو ناهي قصور
قسمت ائين ڪَيَڙو مون سان

روزِ ازل جي لکيي آڏو
آهيان مان مجبور
قسمت ائين ڪيڙو مون سان
ساههَ سَٽان ٿو ڪائي ويٺو
ڏوٿي آهن ڏور
قسمت ائين ڪيڙو مون سان
گوندر منجهه ٿو گهڙيون گهاريان
پل پل پريَنِ پور
قسمت ائين ڪيڙو مون سان
منهنجي سر سان ٿِيڙو ”ساقي“
ڪيڏو ڪِيس ڪلور
قسمت ائين ڪيڙو مون سان.

ڪتاب: هڪڙوئي پيار ڪيان (شاعري) _ شاعر: امر اقبال

# امر اقبال جي ڪاسموس جهڙي شعري ڪائنات

حبيب ساجد



”ڪنهن کي آڪيُئي:
”آوارا آ، هِت هُت
پنهنجي
دل وتي ٿو روليندو.

ڪيئن ٻڌايان،
توکي سڄڻي!
هرچهري ۾،
توکي آهيان
ڳوليندو.“

امر اقبال، جيڪو پنهنجي اندر ۾ مون کي سدائين سنڌي وڏي سمنڊ جي ڪنهن ڏورانهين جزيري جو اڪيلو ۽ آوارا رهاڪو لڳندو آهي، پر ٻاهر جي دنيادار، هوش وڃائيندڙ دنيا ۾، هُو هڪ ڪامياب ۽ ڪيٽرنگ مُڙس، ذهين ٻارڙن جو دوست پيءُ ۽ اسان ڪجھ دوستن جي لاءِ فيض محل جهڙو هڪ وشال ۽ سڪون ڏيندڙ آستانو رهيو آهي، جتي ٻه ملندو، موٽر سائيڪل تان لهي، ان کي ڪنهن پول سان ٽيڪ ڏئي، اچي ياڪرين پٺجي ويندو ۽ اتي جو اتي، ڪنهن وڻ هيٺيان، هڪ چانوَ واري اوطاق ٻڻائي وٺندو آهي... جنهن ۾ چرچا، گهٻا، هٿن جا تاڙا ۽ ڪجھ شعر ۽ آخر ۾ الوداعي ياڪر سان الوداعي سلام... اهو آهي اسان جو امراقبال.

مون کي اڄ به ياد آهي، ڪو 33 ڪن سال اڳ، جڏهن امراقبال اين اي ڊي يونيورسٽي، ڪراچيءَ جي ايم بي ڪيو، ون هاسٽل جي ڪمري نمبر 212 ۾ ٿرپارڪر جي هڪ سانوري شاگرد ديپڪ ساڻ گڏ رهندو هو. ديپڪ سان منهنجي جڏهن ملاقات ٿي هئي، تيسيتائين مون هندو مٿالاجيءَ جي هستي ڪرشن کي ڪونہ ڏٺو هيو، پر مون کي لڳو هيو تہ جيڪڏهن ڪرشن سانورو هو تہ ضرور ديپڪ وانگر سهڻو ۽ عجيب ڪشش رکندڙ مرڪسالو رهيو هوندو. سيتا جو هن سان اڻ ميو پيار مون کي پنهنجي ڳالھ جي وئلڊٿي ڏئي رهيو هو... مان امر وٽ هڪ رات رهيو هيس. صبح جو اسان پنهنجي پياري ۽ دلبر دوست پرويز ابڙي سان ملڻ ويا هياسين. اين اي ڊي ۽ ڪراچي يونيورسٽيءَ وچان هڪ پٽ ڏنل هئي، جنهن جي هيٺان چوڪرن هڪ وڏو سوراخ ٺاهي ڇڏيو هو، جتان شاگرد اچ وڃ ڪندا رهندا هيا. پرويز ٿورڙي ئي فاصلي تي ڪراچي يونيورسٽيءَ جي هاسٽل ۾ منهنجي ڳوٺائي ۽ مجذوب سنگتي پير ڳوٺ جي، معصوم سنديلي سان گڏ رهندو هيو. اسان اتان اچي سنڌي ڊپارٽمينٽ ۾ آيا هياسي.

اسان جي ان وزٽ جا سڀ کان خوبصورت پلَ اهي هيا، جڏهن اسان سائين عابد مظهر سان مليا هياسين. انهن وقتن ۾ سائين عابد جوان، اينرجيٽڪ ۽ ڪلٽي سياوَ وارو استاد هيو. عمرين جي فرق بنا ئي اسان ايترو تہ رلي ملي ويا هئاسين، جو ان ڏينهن ڳالھ ڳالھ تي ايترو تہ ڪليا هئاسين جو بعد ۾ ڪلڻ جي ڪري آيل ڳوڙها اُگهندا ٻاهر نڪري آياهياسين.

امر اقبال جي شعري سفر جي شروعات هڪ سهڻي ماحول ۾ ٿي هئي. انهن وقتن ۾ خيرپور جي ادبي افق تي مرحوم سائين تنوير عباسي، ڊاڪٽر عطا محمد حامي ( جنهن جي ڳوٺ سوهو ڪناسرا ۾ امر اقبال پنهنجي بابا سائين، الهورايو چنا سان رهائش پذير هيو)، مختيار ملڪ، مظهر ابڙو، ڊاڪٽر اعجاز سمون، مئڊم نجمہ نور ڦلپوٽو، تسليم منگي ۽ شوڪت نوناري خيرپور جي ادبي دنيا جا روشن ستارا هيا. هڪ نرم دل ۽ نيازمند استاد سائين الهورائي چني جو پٽ، امر اقبال، جڏهن اين اي ڊيءَ مان پاس آئوٽ ڪري انجنيئر بڻيو تہ هن جي کهول سميت اسان سمورن دوستن کي ڏاڍي خوشي ٿي هئي.

امر اقبال جو شعري سفر جيڪو مان ڀانيان ٿو 1990 ع جي هيڏانهن هوڏانهن شروع ٿيو هو. اهو ئي امر اڄ 2026 ع واري سال ۾ هڪ چانياري ۽ گهري گهاٽي وڻ جيان اوچو ۽ سربلند ڪڙو آهي. هي شعري مجموعو ”هڪڙوئي پيار ڪريان...“ سندس ٻارهون ڪتاب آهي. هن مجموعي ۾ امر اقبال هڪ مئچوئر شاعر جيان نظر اچي رهيو آهي. سندس نثر تہ پنهنجي جاءِ تي بيحد اثر رکندڙ نثر طور مڃتائون ماڻيندو رهيو آهي، پر امر جي ڪمال، نج سنڌي شاعري بہ ڪنهن اور ئي دنيا جا جلوا پسائيندي محسوس ٿيندي آهي.

سندس پهرين شعري مجموعي ”سمنڊ اڪيلو آهي“ کان شروع ٿيل هن جو شعري سفر اڄ هڪ اهڙي پدَ ۽ درجي تي پهتو آهي، جتي پهچڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالہ ناهي هوندي. پنهنجي دل ۾ هڪ دُکندڙ دردَ جي اُماڙيءَ کي جيئرو رکي هلندڙ اسان جو هي امر اقبال گذريل ڇٽيهن سالن کان مسلسل لکي رهيو آهي ۽ ڪنهن بہ پني تي ايئن محسوس ڪونہ ٿئي پيو تہ هُو ورجاءَ جو شڪار ٿيو آهي. سندس هر شعر هڪ کان هڪ... جيئن هن تازي شعري مجموعي ۾ هڪ صفحي تي سندس هڪ طويل غزل ڏنل آهي، جنهن ۾ 24 بندَ آهن.

مون کي ياد ايندو آهي تہ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻين ۾ جڏهن بہ اهڙا طويل غزلَ پيش ٿيندا آهن تا اسان تنقيدي ڪلاس وارا ڳالهائيندڙ راءِ ڏيندا آهيون تہ ايترن بندن بجاءِ جيڪڏهن چار سهڻا ۽ بي مثال بند بند فائنل ڪري رکي ڇڏجن تا اهڙا غزل ڪجھ ڪجھ ياد رهڻ جهڙا بڻجي ويندا، پر حيرت وچان لکي رهيو آهيان تہ امر جي ان غزل جا 24 جو 24 بندَ ئي ڪمال سان سرجيل آهن. جيڪڏهن هڪڙو بند بہ ڊراپ ڪنداسين تا اهو غزل ڪنهن مالها جيان ٽُٽي پوندو ۽ موتين جهڙا تغزلي بندَ ڪٽو ڪٽو ٿي وکري ويندا.

”اڌ سڙيل هڪ وڻ هيو، ٻيو ڪجھ نہ هو
۽ جُهڳُوئي جهڻ هيو، ٻيو ڪجھ نہ هو

هيءَ حياتي وئي ڪُٺي، پر هُو رهيو
دردَ جو تِمجهڻ هيو، ٻيو ڪجھ نہ هو.“

دل تہ چوي ٿي تہ ان غزل جا 24 بند ئي هتي رکجن، پر پنن جي پابنديءَ جي ڪري نٿو رکان. امر جي ان غزل کي ڪاميابيءَ سان ڪنهن شاهڪار غزلن جي مجموعي جو حصو بڻائي سگهجي ٿو.

اسان هيءَ شاعري جيئن جيئن پڙهندا ويندا سي، اسان جي آڏو اهڙا لفظَ ۽ اهڙيون ترڪيبون ايندون ويندون، جن کي اسان گهڻو ٽڻو متروڪ ڪري چڪا آهيون، پر امراقبال انهن وسريل لفظن کي پنهنجي غزلن ۾ مانائتي جاءِ ڏئي، جڻ تہ سدائين لاءِ محفوظ ڪري ڇڏيو آهي. جيئن ”تِمجهڻ،“ ”جُهڳُوئي جهڻ،“ ”باھ ۾ باهڻ،“ ”بحر ۾ پنيلڻ،“ ”بُڻُ“... اهي لفظ ذڪر ڪيل هڪڙي ئي طويل غزل مان چونڊيا ويا آهن.

ايندڙ صفحي تي اڳيان جيڪو نظم سامهون اچي ٿو، ان جو عنوان آهي ”ريگل چوڪ.“ ان هڪڙي نالي سان ئي منهنجي ذهن ۾ يادگيرين جو هڪ درياهُ ڪاهي پيو آهي. ريگل چوڪ سان منهنجون ۽ امر جون ايتريون تہ يادون جڙيل آهن، جو انهن يادگيرين جو مڪمل ڪتاب اچي سگهي ٿو. ”ٿامس ايند ٿامس“ جو پوڙهو ميزبان، جيڪو سدائين پنهنجي اکين جي چشمي جا لينسز صاف ڪري اسان جو آڌرڀاءُ ڪندو هو. سامهون ايراني هوٽل، جتان جي سيپريٽ چانھ ڪمال جي هوندي هئي... زيب النساءاسٽريٽ تي دانيال ڪتاب گهر، جيڪو اسان جو ڄڻ تہ ٻيو گهر هوندو هو... پيڪ ۾ ئي رفيق سينٽر ۾ خدابخش ابڙي ۽ عطيہ دائود جو فليٽ، جتي اسان جڏهن ويا هياسين تہ ننڍڙي سُهائي فراڪ ۾ گهمي رهي هئي ۽ اسان آڏو ڪنهن ميوزڪ تي ڦيرا پائي رهي هئي، ڄڻ لَڪائيندي هجي تہ وڏي ٿي هوءَ سنڌ جو نالو نرت واري شعبي ۾ نروار ڪندي... ”ريگل چوڪ“ نظم ۾ امر جيڪا منظر نگاري ڪئي آهي، اها ڪمال جي آهي. ڄڻ مان هاڻي بہ ڪنهن دڪان آڏو پيل ڪتابن کي ڏسڻ لاءِ فرش تي ويٺو آهيان.

”جهونو دانشور ڏسان ٿو
عينڪ جي شيشن کان اڳتان
پنهنجي جهيڻي ديدَ سَٽي ٿو
پنهنجا پوڙها هٿَ گهمائي
بوسيده ورقن مان ڳولهي
دانش جا ڪي ديپَ ڪڍي ٿو
ڪچڙن خوابن وارو شاعر
پنهنجي پينٽ جي کيسي ۾
سَهميل هڪڙو نوٽ ڏسي ٿو
نيرودا جي نظمن جو
هٿ آيل ڪتاب ڳِنهي ٿو
باقي پئسا چانهن جي پياليءَ
بس جي ڀاڙي لاءِ رکي ٿو..“

اهو نظم نہ آهي، ڄڻ ڪا ناسٽيلجيا آهي، جيڪا اوچتو ذهن ۾ يادگيرين جي تندن کي ڇيڙي وجهي ٿي ۽ اسان پنهنجي جيون جي ان دؤر ۾ هليا وڃون ٿا، جڏهن ڪتابَ اسان لاءِ الائي ڪهڙي دولتَ هوندا هيا... انهن ڏهاڙن ۾ مون کي ريلوي بابُوءَ طور رڳو ست هزار پگهار ملندي هئي ۽ ڇئن هزارن جا تہ مان رڳو ڪتاب وٺندو هوس... ٽن هزارن ۾ پورو مهينو ڪيڏڻ غيرشادي شده زندگيءَ جو هڪ حيران ڪندڙ معجزو محسوس ٿيندو هو... هاڻ جڏهن ٻن لکن کان مٿي پگهار ملي ٿي، تڏهن بہ ڪتاب خريدڻ تي پنج هزار بہ خرچ نہ ٿا ڪري سگهون... گلزار جي چوٽي بلڪل صحيح ثابت ٿي رهي آهي:

”کتابیں جھانکتی ہیں بند الماری کے شیشوں سے
بڑی حسرت سے تکتی ہیں
مہینوں اب ملاقاتیں نہیں ہوتیں
جو شامیں ان کی صحبت میں کٹا کرتی تھیں
اب اکثر
گزر جاتی ہیں کمپیوٹر کے پردوں پر...“


امر، پرويز ۽ مان ان دؤر جا ساکي آهيون، جڏهن انسان اڃان ايترو مشيني ڪونہ ٿيو هو. خط ايندا هيا ۽ انهن جا جواب ايترا طويل ۽ تفصيلي لکبا هيا، جو پنا ڪتي پوندا هيا، پر خط ڪُتڻ جو نالو ئي نہ وٺندا هيا.... ٽپاليءَ کي پري کان ايندو ڏسي دل جي ڌڙڪڻ سينو ڦاڙڻ لڳندي هئي تہ اڄ الائي ڪنهن جو خط ملندو؟ جسم جو سڄو رت اکين ۾ اچي ٻيهندو هيو...

اڄ اها حالت ٿي وئي آهي، جو انهن وٽان، جن کي ڏهن صفحن جا خط لکندا هياسي، موبائل ۾ رڳو هڪڙو جملو ٽيڪسٽ ميسيج طور واٽس ائپ ٿيندو آهي: ”ڪٿي آهيو؟“ ۽ بس... سڄو رومانس ان مُئي موبائل دفن ڪري ڇڏيو آهي. امر جو هڪ ٻيو غزل ڏسو:

”گهوڙي سوار عورتَ
ڄڻ ڪا تَرار عورت

ڄڻ ڪا اُجاڙ وستي
ڄڻ ڪا بزار عورتَ

ساهُن ۾ سانڍِ عورت
ٻانهن ۾ ٻارِ عورت.“




نظميہ انداز ۾ لکيل هي غزل عورت جي انيڪ ۽ گوناگون ڪيفتين جي هڪ اهڙي اپٽار آهي، جيڪا عورت تي لکيل ڪنهن ناول کان وڌيڪ اثرائتي ۽ ياد رهجي ويندڙ آهي. اهڙا عجيب ۽ شاهڪار ادبي معجزا ڪرڻ يا ترڪيبون اُڻڻ امراقبال جو من پسند مشغلو آهي. مان جيئن جيئن هن جي شعري ڪتاب جي صفحن تان پڙهندو اڳتي وڌي رهيو آهيان، دل چوي ٿي تہ غزل جي هر بند ۽ نظم جي هڪ هڪ ڪيفيت تي لکندو وڃان، پر جي ائين ڪندس تہ هن سهڻي رسالي جا 90 سيڪڙو صفحا تہ رڳوان اپٽار ۾ ئي لکجي ويندا، ان ڪري پنهنجي ليپ ٽاپ جي ڪي بورڊ کي ٿوري ساهي ڏيندي، رڳو اهو لکڻ چاهيان ٿو تہ امراقبال جي هن شعري ڪائنات ۾ اهي سمورا طلسمَ موجود آهن، جيڪي ڪنهن جو بہ دماغ آسمانن تي پهچائي سگهن ٿا ۽ وري ايتري ئي تيزيءَ سان امر اقبال پنهنجي شعرن ذريعي ڪنهن ڪاسموس جو سئر بہ ڪرائي ٿو. افسوس جو مان امر جي لاءِ ايئن نہ بڻجي سگهان ٿو، جيئن ڪائنات جي ڳولها ۾ ڪارل ساگان بڻيو هو ۽ هن ڪائناتن جي حيرتن تي ڪاسموس جهڙو شهره آفاق ڪتاب لکيو هو. بهرحال، امراقبال جي شعري ڪائنات بہ مون کي ڪاسموس جيان ئي حيران ڪندڙ ۽ ياد رهجي ويندڙ لڳندي آهي، جنهن ۾ جيتريون بہ رولاڪيون ڪندو آهيان، حيران ٿيندو آهيان.

”مون سان ٻَٽڙي لمحا ويٺيءَ
ڇپراٽي تي گُلَ ٿڙيا ها.“ (امر اقبال)

هي ڪتاب ڪاڇو پبليڪيشن شايع ڪيو آهي. ■

## فاصلاتي ڪچهريءَ جو سوال:

# ’اوهان کي فضيلہ قاضيءَ جي ڪهڙي ڊرامي ۾ ڪردار متاثر ڪيو ؟‘

سنڌي ۽ اردو ڊرامن جي مشهور اداڪاره فضيلہ قاضي صاحبہ کي ٻہ مهينا اڳ ۾، 13 مئي 2026 ع تي سندس فن جي مڃتا طور صدارتي ايوارڊ مليو هو. اسان پنهنجي اهم ترين فنڪارن ۽ اداڪارن کي پڻ پنهنجي پڙهندڙن سان متعارف ڪرائڻ جو هڪ سلسلو شروع ڪري رهيا آهيون. ان سلسلي ۾ ”ڪاوش دنيا“ جي پڙهندڙ کي پڻ گذارش آهي تہ هو پنهنجي علائقي جي خاص طور تي نوجوان فنڪار ۽ راڳيءَ جو مختصر پروفائيل سندس تصوير سميت اسان ڏي لکي موڪلي ڏين. اڄوڪي ”فاصلاتي ڪچهري“ ۾ اسان پنهنجي مهربان پڙهندڙن کان هي سوال پڇيو تہ: ”فضيلہ قاضي صاحبہ جا اوهان ڪهڙا سنڌي يا اردو ڊراما ڏٺا آهن. ۽ انهن ۾ سندس ڪهڙي ڪردار اوهان کي وڌيڪ متاثر ڪيو؟“ ان سوال جي موٽ ۾ جيڪي جواب آيا، انهن مان چونڊ هتي ڏيئي رهيا آهيون. _ انچارج

**هريش مهيشوري**
**ميرپورخاص**

فضيلہ قاضي ڪان فضيلہ قيصر خان نظاماڻي جو سفر طئي ڪندڙ فضيلہ جو ڳاڻيٽو برڪ سنڌي اداڪارا، پروڊيوسر، ليکڪا ۽ شيف طور ٿئي ٿو. سندس ڊگهي فني سفر دوران هن پنجاھ کان وڌيڪ سنڌي توڙي اردو ٽي وي ڊرامن ۾ يادگار اداڪاريءَ جا ڇٽ ڇٽيا آهن، پر ادي فضيلہ جا جيڪي ڊراما مون پنهنجي اکين سان پي ٽي وي توڙي خانگي ٽي وي چينلن تان ٽيليڪاسٽ ٿيندي ڏٺا آهن، تن ۾: ”ماروي، “ ”پرھ کان پوءِ، “ فاصلہ، “ ”حسرت، “ ”روزي، “ ”دريچہ، “ ”الزام عشق، “ ”نظر بد، “ ”دلدل، “ ”غيرت، “ ”ميري همدم، “ ”ميرا رب وارث ، “ ”مقدر، “ ”رنگ محل، “ ”سچ، “ ”مڪافات، “ ”وفا بي مول، “ ”تمهاري مريم، “ ”ڇوٽي ڇوٽي باتين، “ ”محبت داغ ڪي صورت، “ ”دل آويز، “ ”ياگر ياگ، “ ”تيري بن ، “ ”صرف تم“ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا شامل آهن.

**گلزار احمد درس**

فضيلہ قاضي پي ٽي وي تان نشر ٿيل سنڌي ڊرامي ”سچ گرهڻ“ ۾ ڪائنات جي نالي سان هڪ ايئر هوسٽس جو ڪردار انتهائي زبردست انداز ۾ ڪيو هو. اهو ڊرامو مون ننڍي هوندي ڏٺو هو. سندس اهو يادگار ڪردار اڄ بہ منهنجي ذهن ۾ نقش آهي. اهڙا ڊراما اڄ ڪلھ نٿا لکجن، نہ ڪوئي اداڪار ڪردار سان اهڙو نياءُ ٿو. فضيلہ قاضيءَ کي سلام.

**هالا رياسين آرائين**
**ڦلجي اسٽيشن**

فضيلہ قاضي هڪ قابل اداڪاره آهي. سنڌي ڊرامي ”سچ گرهڻ“ ۾ سندس ڪردار تمام گهڻو متاثر ڪندڙ هو. ان جڳ مشهور ڊرامي ۾ هن هڪ اهڙي سنڌي نوجوان عورت جو ڪردار نڀايو هو، جيڪا خانداني ۽ سماجي مسئلن کي همت ۽ صبر سان منهن ڏئي ٿي. سندس اداڪاري ايتري تہ فطري هئي، جو لڳندو هو تہ اها اسان جي سماج جي ڪنهن حقيقي نياڻيءَ جي زندگي هجي. سندس چهري جا تاثرات، لهجو ۽ جذبات جي عڪاسي ناظرين جي دلين تي گهرو اثر ڇڏيو هو. ان کان پوءِ جڏهن سندس اردو ڊراما ڏٺاسين تہ، محسوس ٿيو تہ هوءَ هر ڪردار ۾ ساڳي مهارت، سنجيدگي ۽ سچائي سان جان وجهي ڇڏيندي آهي.
فضيلہ قاضي پنهنجي باصلاحيت اداڪاري، محنت ۽ ڊگهي فني سفر سبب پاڪستان جي نمايان اداڪارائن ۾ شمار ٿئي ٿي. هوءَ قومي اعزاز جي بہ مڪمل حقدار هئي. سندس فن ايندڙ نسلن لاءِ پڻ هڪ خوبصورت مثال رهندو.

**شبير حسين پوٽ**

ننڍا هئاسين تہ پي ٽي وي تي ڊراما ڏسندا هئاسين، جن ۾ سنڌي ڊرامن جي هيري قيصر نظاماڻي صاحب ۽ ادي فضيلہ قاضيءَ جي، مونکي ذاتي طور بهترين جوڙي لڳندي هئي، خاص ڪري انهن جو ڊرامو ”آئينو“ ڏاڍو مشهور ٿيو هيو، جنهن ۾ سندن ڪردار نالي ”خليل باغي“ سان هيو. ان سان گڏ فضيلہ قاضي جي بہ لاجواب اداڪاري هئي. اڄ وري ”ڪاوش دنيا ميگزين“ انهن جي ياد تازي ڪري ڇڏي. ادي فضيلہ قاضي سنڌي ۽ اردو جي ڪيترن ئي ڊرامن ۾ ڪم ڪيو، پر مونکي سندن ”آئينو“ ڊرامو گهڻو پسند آهي. سندس بهترين اداڪاري دلين ۾ گهر ڪري ويندي هئي.

**فوزيہ قاضي**

سچ پڇو تہ فضيلہ ڪڏهن بہ پنهنجي اداڪاريءَ سان مونکي ناهي متاثر ڪيو، ڇو جو ان جي ڪردار مطابق ان جي لهجي ۽ چهري ۾ وڏو فرق هوندو آهي. اداڪار جي وڏي خوبي اها هوندي آهي تہ هو ڪردار مطابق اداڪاري ڪري.

**سعيد احمد جانوري**
**خانپور (دادو)**

ڇا تہ سونهري دورهيو اهو. گذريل وقت ۾ سنڌي ڊرامن جو وڏو ماڻ هئو. موجوده دور ۾ ۾ سنڌي ڊاراما الائي ڇو پوئتي پئجي ويا آهن!؟ مانواري اداڪاره فضيلہ قاضي ۽ قيصر خان نظاماڻيءَ جن جي اداڪاري ڏسڻ وٽان هوندي هئي. انهن پنهنجي بهترين فن جي ذريعي پنهنجو پاڻ مڃرايو. سنڌ سونهاريءَ ۾ اڃا بہ بهترين ٽيلينٽ موجود آهي، پر سچائي، جدوجهد، خلوص، محنت ۽ قربانيءَ جي کوٽ آهي.

# ’اجرڪ منهنجي انتهائي قيمتي لباسن مان هڪ آهي‘ _ فضيلہ قاضي

**سوپيا جمال**



پاڪستاني ٽيليويزن جي دنيا ۾ ڪجھ اهڙا نالا آهن، جن پنهنجي فني صلاحيت، مسلسل محنت، سادگي ۽ وقار سان ناظرين جي دلين ۾ پنهنجي هڪ مستقل جاءِ ٺاهي آهي. انهن مان هڪ اهم ۽ قابل احترام نالو **فضيلہ قاضي جو بہ آهي**، جيڪا ”فضيلہ قيصر“ طور پڻ سڃاتي وڃي ٿي. هن، 1988 ع کان شروع ڪيل ۽ چئن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي تي مشتمل فني سفر ۾ نہ رڳو اداڪاريءَ ۾ پختگي ڏيکاري آهي، پر پروڊيوسر، ليکڪا، شيف ۽ انفلوئنسر طور بہ وڏو نالو ۽ ناماچاري ڪمايو آهي.

پنهنجي سنڌي ثقافت سان پيار ڪندڙ فضيلہ قاضيءَ 25 مارچ 2026 تي پنهنجي فيس بڪ وال تي هڪ پوسٽ ۾، سندس وَرَ قيصر خان نظاماڻيءَ جون، اجرڪ واري ويس ۾ نڪتل تصويرون، شيئر ڪندي لکيو تہ، ” اجرڪ منهنجي انتهائي قيمتي ثقافتي لباسن مان هڪ آهي، ۽ جڏهن مان اهو شاندار اجرڪ پائيندو آهيان تہ پاڻ کي مسلسل بااختيار ۽ منفرد محسوس ڪندي آهيان.“ 19 جون 2026 ع تي هن وري اجرڪ جي لباس واريون تصويرون پنهنجي فيس بڪ وال تي شيئر ڪيون، ان مان اجرڪ سان سندس اُنسيت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

فضيلہ قاضيءَ پنهنجي فني شروعات ماڊلنگ سان ڪئي ۽ 1991 ع ۾ ڊرامہ انڊسٽري ۾ داخل ٿي. شروع کان ئي هن سنجيده، سماجي ۽ خانداني موضوعن تي مبني ڪردار چونڊيا، جيڪي رڳو وندرورونهن تائين محدود نہ هئا، پر اهي عورتن جي احساسن، خانداني لاڳاپن ۽ سماجي حقيقتن کي اجاگر ڪندا هئا. فضيلہ قاضيءَ جي اداڪاريءَ جي خاص خوبي اها آهي تہ هوءَ هر ڪردار کي **بنا وڌاءَ جي، قدرتي ۽ سچي انداز** سان پيش ڪري ٿي. ماءُ، ڀيڻ، زال يا مضبوط عورت جو ڪردار هجي، هوءَ ان کي اهڙي صداقت سان نڀائي ٿي جو ناظر پاڻ کي



قيصر خان نظاماڻي ۽ فضيلہ قاضي

ڪهاڻيءَ جو حصو محسوس ڪري ٿو. هن نہ رڳو سنجيده ڪردارن ۾ پاڻ موڪايو آهي پر مزاحيہ ڪردار ۾ بہ پاڻ ملهايو آهي.
وقت سان گڏ سندس فن ۾ وڌيڪ پختگي آئي. هن نئين نسل جي ڊرامن ۽ ڊجيٽل ميڊيا سان پاڻ کي هم آهنگ ڪيو آهي. هوءَ هلندڙ سال ۾ بہ جوڳي ريت فعال رهي آهي (مثال طور *سلسلہ* ۽ ٻيا پروجيڪٽس). ڪيس تازو، 13 مئي 2026 ع تي صدارتي ايوارڊ – **”ستارامتياز“** سان پڻ نوازيو ويو آهي، جيڪو سندس فني خدمتن جو اعتراف آهي.
فضيلہ قاضي رڳو هڪ ڪامياب اداڪاره ئي نہ، پر هڪ ذميوار گهرواري ۽ ماءُ طور بہ سڃاتي وڃي ٿي. هن 1993 ع ۾ اداڪار **قيصر خان نظاماڻي** سان شادي ڪئي. ٻئي هڪ ٻئي سان گڏجي پاڪستاني شوبز ۾ هڪ مثالي ۽ باعزت جوڙي طور سڃاتا وڃن ٿا. هن باوقار ۽ نامياري جوڙيءَ کي ٻہ پٽ آهن : **احمد ۽ زورين**.
زورين نظاماڻي هڪ تعليم يافتہ نوجوان، محقق ۽ ليکڪ آهي. هن لنڊن مان قانون (LLB) جي ڊگري ۽ آمريڪا مان ڪرمنالاجي ۾ ماسٽرز (MS) ڪئي آهي. پيشوراڻي زندگيءَ ۾ هو آمريڪي ڊپارٽمينٽ آف جسٽس (US Department of Justice) سان لڳ ڀڳ چار سال لاڳاپيل رهيو، جتي هن قانون ۽ انصاف جي شعبي ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. زورين نظاماڻي کي خاص شهرت پنهنجي فڪري ۽ تحقيقي مضمونن سبب ملي. فضيلہ ۽ قيصر جو خاندان سادگي، باهمي احترام ۽ هم آهنگيءَ جو زنده مثال آهي. هيءُ جوڙو گذريل 32 سالن کان وڌيڪ عرصي کان گڏ خوش ۽ مضبوط رشتي جو مثال قائم ڪري رهيو آهي. 2022 ع ۾ سندن وڏي پٽ جي شادي ٿي. ڊجيٽل دور ۽ نئين نسل جي باوجود فضيلہ قاضيءَ پنهنجو فني معيار برقرار رکيو آهي. ”فضيلهز ڪچن“ جي نالي سان سندس يوٽيوب چينل پڻ آهي، جتي هوءَ مختلف کاڌن بابت ڄاڻ ڏئي ٿي.
فضيلہ قاضي وقت سان گڏ نون موضوعن ۽ ڪردارن سان پاڻ کي اپڊيٽ ڪندي رهي آهي. اڄ جڏهن پاڪستاني ڊراما عالمي سطح تي مقبول ٿي رهيا آهن، تڏهن فضيلہ قاضي جهڙن فنڪارن جو ڪردار وڌيڪ اهميت اختيار ڪري ويو آهي. سندس محنت، اخلاقيات ۽ بهترين اداڪاريءَ ثابت ڪيو آهي تہ اصل فنڪار اهو هوندو آهي، جيڪو شهرت سان گڏ وقار بہ برقرار رکي. فضيلہ قاضيءَ جو نالو پاڪستاني ٽيليويزن جي تاريخ ۾ هميشہ عزت سان ورجي ٿو. سندس فني خدمتون نون فنڪارن لاءِ اتساھ جو ذريعو آهن، ۽ ناظرين لاءِ هوءَ اڄ بہ معياري اداڪاريءَ جي علامت آهي. ■

اها شام، اها چمات ۽ ڪٽيل وار

# ڪاش ’ڊريم ڪيچر‘ وانگر ڪو ’ٽائيم ڪيچر‘ هجي

فوزيہ سنديلو



اتر آمريڪا جي قديم قبيلن ۾ پيانڪ خوابن ۽ خيالن کي روڪڻ لاءِ سمهڻ جي جڳهہ کان ڪجهہ پرڀرو، دروازي جي وٽ، پاسي کان هڪ ”خواب ڇاڻي“ (Dream catcher)لڳائي ويندي هئي. اها خواب ڇاڻي پيانڪ خوابن کي دروازو ٽپڻ نہ ڏيندي هئي. سٺا خواب اندر آسانيءَ سان پهچي ويندا هئا، باقي بڇڙا، ڊيڄاريندڙ ۽ خوفناڪ خواب ٻاهرئي رهجي ويندا هئا. سنهن ڌاڳن سان ڪوريئڙي جي ڄار وانگر هٿ سان اڻيل اها ”خواب ڇاڻي“ قبيلا هڪ ٻئي کي تحفي ۾ بہ موڪليندا هئا. مون کي اڪثر خيال ايندو آهي تہ ڪاش مون وٽ بہ ڪو اهڙو ”ڊريم ڪيچر“ هجي ها تہ مان گهڻن پيانڪ خوابن ۽ خيالن کي پنهنجي ذهن کان ڇاڻي پري ڪري ڇڏيان ها. اهڙو ڪو time catcher (وقت ڇاڻي) هجي ها، جنهن سان مان پهريان تہ انهن دردناڪ لمحن کي، انهن وڇوڙي جي پلن کي ڇاڻي پاڻ کان پري ڪري ڇڏيان ها، جن پلن ۾ اوچتو مون کان بابا ۽ پوءِ ٻي لمحي چاچا وڇڙي ويو هو.

اهو ڏکوئيندڙ سال ڪٽي ڇڏيان، وقت جو اهو ايذائيندڙ عرصو. جڏهن منهنجي زندگيءَ مان اهي ٻئي ماڻهو هليا ويا، جيڪي زندگي هوندا هئا، بس اهي پل پاڻ وٽ سانڍي رکان جڏهن انهن جا آواز گهر ۾ گونجندا هئا.

دل جي اکين سان ڏسان پئي اهي خوبصورت گهڙيون،



جڏهن ريل جي اچڻ جو تيز آواز ويجهو ٿيندو پيو وڃي. منهنجي ڏاڏي ڪيڙيءَ مان هلندي مون کي هٿ کان جهلي، تڪڙيون وکون کڻندي پئي هلي، ۽ ٻئي پل چاچا (اظهار) مون کي کڻي ريل ۾ سوار ٿئي ٿو. ريل گاڏي رواني ٿئي ٿي. مان زندگيءَ ۾ پهريون دفعو امان کان پري ٿي هيس، پر مون کي ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڳڻتي نہ هئي. ڏاڏي ۽ چاچا جو گڏ هيا.

ريل حيدرآباد وڃي پهچايو. گهڻا ڏينهن اتي رهي پياسي. وڌيڪ ڪا خاص يادگيري ناهي. بس هڪ شام چاچا گهمائڻ وٺي ويو. چيائين، ”تنهنجو فوٽو ٽوڪدرايان، پوءِ اهو وڏو ڪرائيندس.“ جڏهن فوٽوگرافر تصوير ڪڍڻ لڳو تہ مان روئڻ لڳيس. چاچا ٻاهر وٺي وڃي، منهنجو ڳوڙهن هاڻو مُنهن اگهي سمجهايو، ”نہ روءُ. فوٽو ڪڍرائڻ تي روئين ٿي. هاڻي ٻيهر ٿا هلون. نہ روئجانءِ.“ مان چيس، ”نہ.“ وري جڏهن ڪيمرا ڏٺم تہ اڃا زور سان روئڻ لڳيس. چاچا چمات هنئي ۽ ڪاوڙ ۾ ٻاهر وٺي آيو. ان وقت سج لهي چڪو هو، آذان اچي رهي هئي ۽ مون کي امان ياد آئي تہ، ڳوڙها وهڻ لڳا. پوءِ چاچا مون کي پرچائيندو رهيو.

هڪ ڏينهن چاچا اسان کي حيدرآباد جو شهر گهمايو ۽ راڻي باغ بہ. مان شهر ۾ سهڻيون مايون ڏٺيون ۽ انهن جا ننڍڙا ڪٽيل وار، جيڪي انهن جي نرڙ تي ڪِريل هئا . رات جو جنهن گهر ۾ رهيل هياسي، اتان ڪينچي کڻي پنهنجا وار ڪٽي ڇڏيم. صبح جو جڏهن چاچا جي نظر پئي تہ چيائين، ”هي وارن کي ڇو ڪٽي ڇڏيئي؟“ چاچا ڪنهن دوست کان ڪئميرا وٺي آيو هو منهنجا فوٽو ڪڍڻ لاءِ. پوءِ سهڻن گلن واري باغ ۾ وٺي ۽ انهن ڪٽيل، ننڍن وارن سان تصويرون ڪڍيائين. سالن کان پوءِ جڏهن چاچا کي فوٽو ڏيکاريم تہ ٺهڪ ڏيڻ لڳو. اها شام، اها چمات ۽ وارن کي ڏسي کلندا رهياسي.

چاچا ڏاڍو پيار ڪندو هيو. جڏهن ڪو گهر ۾ تنگ ڪندو هو ۽ روئڻ لڳندي هيس تہ پرچائڻ لاءِ ڊوڙندو ايندو هو ۽ پوءِ ڳوڙها اگهي دڪان تان کائڻ جون کوڙ شيون وٺي ڏيندو هو. حيدراباد مان جڏهن بہ ايندو هو تہ گُڏيون، ڪپڙا، چوڙيون ۽ سينڊل وٺي ايندو هو. ڪٿي گهمڻ ويندي هيس تہ ڳالهين جون ڳنڍيون پري ايندي هيس ۽ پوءِ ويهندي هيس چاچا کي ٻڌائڻ. چاچا منهنجون ڳالهيون ويٺو ٻڌندو هو ۽ کلندو هو. مون انهن پلن کي پنهنجي مَن ۾ سانڍي رکيو آهي. هو اهڙي پيءُ وانگر هو، جيڪو رڳو پيار ڏيڻ سکيو هو.

ڏوڪري شهر ۾ ميلو لڳندو هو تہ، گهمائي ڦيرائي گڏيون، چوڙيون ۽ رانديڪا وٺي شام جو گهر موٽائي ايندو هو. چاچا ڳوٺ جي ٻين ماڻهن کان صفا مختلف هو. هميشہ صاف سٿرن ڪپڙن ۾ رهندڙ، پاڻ کي سجائي سنواري رکندڙ، خوشبو کي پسند ڪندڙ. هڪ باغي ڪردار. ڏاڏيءَ جي چهري تي اداسيءَ جا بادل ڇانئيل ڏسي مون کي ڏک ٿيندو هو. هوءَ بابا وٽ ويهي چوندي هيس، ”ابا اظهار کي چئو شادي ڪري.“ ۽ بابا جي چوڻ باوجود چاچا هميشہ شادي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيندو هو. ڳوٺ جي مائين جا رشتا ايندا هئا، ڇوڪرين کي ڏسڻ کان سواءِ ئي نهڪر ڪري ڇڏيندو هو.

هڪ ڏينهن ڏاڏي ڪراچيءَ رشتو ڏسڻ وئي، جڏهن واپس آئي تہ ايڏي دردناڪ انداز ۾ پئي سيني کي ٻڌائي تہ، ”ڇوڪري تہ پلي هئي، پر چون پيا تہ شاديءَ کان پوءِ ڇوڪرو اسان وٽ رهندو. مان پنهنجو پٽ ڏيان؟ باهہ ڏيان اهڙي رشتي کي.“ چاچا انقلابي خيال سيني ۾ سانڍي جيئندو هو.

وقت گذرندو رهيو. ڏاڏيءَ جي زور پرڻ تي نيٺ چاچا شادي ڪئي. جڏهن چاچا کي پنهنجي ڌيءَ ڄائي تہ ان شام وڏي خوشي ۽ جوش ۾ مون کي آواز ڏيڻ لڳو. ان وقت مان ڪمري ۾ ويٺي ناول پئي پڙهيو، جنهن ۾ نتاشا نانءَ واري ڇوڪري مون سان گڏ هئي. چاچا چيو، ”مون کي ڌيءَ ڄائي آهي، جلدي ڪو نالو ٻڌاءِ.“ مون چيس، ”نتاشا.“ ۽ چاچا خوشيءَ مان چيو، ”ها، ڏاڍو پلو نالو آهي نتاشا.“ نتاشا بہ چاچا وانگر صابرين آهي. ان وقت مان نائين ڪلاس ۾ پڙهندي هيس. منهنجي لفظن، منهنجي رکيل نالن سان چاچا جي دل خوش ٿي ويندي هئي.

سال گذري ويا. جڏهن اسلام آباد ۾ مان پڙهي رهي هيس تہ، چاچا جي فون آئي ۽ چيائين تہ، ”ڌيءَ ڄائي آهي، جلدي ڪو پلو نالو ٻڌاءِ.“ ۽ پوءِ ”سونهن“ جي نالي تي چاچا خوش ٿي ويو. اهڙيون ڪوڙ ڳالهيون آهن، ڪوڙ يادون آهن، جن مان هڪ هڪ جو تفصيل لکڻ سان هڪ ڪتاب ٺهڻي پوندو. بهرحال مون وٽ ڊريم ڪيچر ناهي، ان ڪري وڇوڙي وارو وقت ڦري گري اڳيان اچي بيهي ٿو. بابا اوچتو هليو ويو ۽ چاچا غم لڪائي ڪيترائي پيرا منهنجي گهر اچي ويهندو هيو. شام جو ڪرسي رکي ڪٽن جي پرسان اچي ويهي، رات ٿئي تہ هليو وڃي. مان ڪجهہ ڳالهيان تہ، جواب ڏي، نہ تہ بس ويٺي ويٺي هليو وڃي.

مون وٽ اچي منهنجي تنهائي ۽ درد کي وندينڊڙ اهو چاچا بہ جولاءِ جي هڪ دردناڪ ڏينهن جو دل جي تڪليف سبب اسپتال ويو تہ وري نہ موٽيو. چاچا لاءِ تہ اڃان مان دل ۾ ڳالهين جون ڳنڍيون پريون ويٺي آهيان. ايئن لڳندو آهي سڀ وڇوڙو عارضي آهي. وقت وري ورندو ۽ ڳالهين جون ڳنڍيون کُلنديون. تيستائين لطيف سائينءَ وانگر: ”ڳالهيون پيٽ ورن ۾ وڏي وڻ ٿيون “ سانڍي ٿي رکان. ■

# موڪلون، ٻارَ ۽ والدين جون ڪي ذميواريون

گدا حسين بخاري



وقت گذرڻ سان ٻين تبديلين جيان گرمين جون موڪلون گذارڻ جو انداز بہ تبديل ٿيو آهي. اڳ ۾ ٻار موڪلون گذارڻ لاءِ اڪثر پنهنجي چاچن، مامن يا ٻين ويجهن رشتيدارن ڏانهن گهمڻ ڦرڻ ويندا هئا، جنهن سان خاندانن جي وچ ۾ پيار ۽ محبت وڌندي هئي، جڏهن تہ هاڻي نفسانفسي جي دور ۾ ماڻهن جو اهڙي قسم جو هڪٻئي ڏانهن اچڻ وڃڻ نہ صرف گهٽ ٿيو آهي پر اڃا وڌيڪ مصروف زندگيءَ سبب ماڻهو اهڙي قسم جي گڏجاڻين کي فضول ۽ وقت جو زيان سمجهي ٿا.

وڏن شهرن ۾ وري سمر ڪيمپس (Summer Camps)جو اهتمام ٿئي ٿو، جتي ڪي خوشحال ماڻهو پنهنجي ٻارن کي ڳريون فيس ڀري داخلا وٺي ڏين ٿا. اڄڪلهہ اهڙي قسم جون ”سمر ڪيمپس“ هڪ باقاعده ڪاروبار بڻجي چڪيون آهن. هونءَ تہ انهن ڪيمپس جا ڪيترا ئي فائدا بہ آهن، ڇو تہ اتي ٻارن کي ترڻ، ڊرائنگ، پينٽنگ، موسيقي ۽ گهوڙي سواري وغيره جهڙيون مهارتون سيکارجن ٿيون، پر انهن ڪيمپس جا خرچ غريب ماڻهو جي پهچ کان وڌيڪ آهن.

موڪلن ۾ اڪثر ماڻهو پنهنجي ٻارن سان اترين علائقن ڏانهن بہ سير ۽ تفريح لاءِ وڃن ٿا، جڏهن تہ شاهوڪار ماڻهو پنهنجي ڪٽنب سان ٻاهرين ملڪن جي دورن تي وڃن ٿا. افسوس سان چوڻو پوي ٿو تہ، اسانجي ملڪ جي 90 سيڪڙو آبادي نہ تہ اهڙي قسم جا سير سَپاٽا ڪري سگهي ٿي، ۽ نہ ئي پنهنجي ٻارن کي ڪنهن سمر ڪيمپ يا اڪيڊمي وغيره ۾ داخلا وٺي ڏئي سگهي ٿي. مجبورن اهي محرومين جا ماريل ٻار سڄي اونهاري جي موڪل پنهنجي گهرن، گهٽين، لوڙهن، لڪڙن، واهن، ڪڏن ۽ شاخن تي ٽُڙڳي گذارين ٿا.



اها بہ حقيقت آهي تہ اڄڪلهہ جا ٻار جديد ٽيڪنالوجي جي ڪري انتهائي ذهين ۽ تيز فهم بہ آهن. مواصلات جي ذريعن جي ترقيءَ موجوده نسل کي شعور ڏنو آهي، تنهنڪري هاڻي اهو دور هليو ويو، جڏهن والدين ٻارن کي جِتي ويهاريندا هئا، اهي اتي ئي ويٺا هوندا هئا ۽ جيڪو کين پڙهڻ لاءِ چيو ويندو هو، هو اهو ئي پڙهندا هئا. پڙهائيءَ جي وقت پڙهڻ ۽ راند جي وقت کيڏڻ هوندو هيو، اهڙي طرح هر شئي توازن ۾ رهندي هئي. تڏهن خوف ۽ دهشت جي فضا بہ نہ هئي، جڏهن تہ اڄڪلهہ اسانجا ٻار دهشت ۽ خوف جي فضا ۾ زندگي گذاري رهيا آهن، جنهن ڪري ٻار آهستي آهستي پنهنجي معصوميت بہ وڃائي رهيا آهن.

گرمين جون موڪلون دراصل پوري سال جون حاصل هونديون آهن ۽ ان دوران ٻار جي شخصيت ۾ گهڻو نکار ۽ تبديلي پئدا ڪري سگهجي ٿي. ماهرن مطابق گرمين جون موڪلون سردين جي موڪلن جي ڀيٽ ۾ ٻارن جي نشونما لاءِ بهتر ثابت ٿين ٿيون. انڪري ٻارن تي مناسب ڌيان ڏيڻ سان بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا، تنهنڪري والدين کي گهرجي تہ اهي استادن سان ملي پنهنجي ٻار جي تعليمي ۽ شخصي خامين جي حوالي سان ضروري معلومات حاصل ڪن ۽ پوءِ ان معلومات جي روشنيءَ ۾ پنهنجي ٻار جي شخصيت سازي ۽ ڪردار سازيءَ جي طرف خاص ڌيان ڏين تہ جيئن اهي موڪلن کانپوءِ ٻيهر اسڪول وڃڻ تائين پنهنجي استادن ۽ ڪلاس فيلوز کي بهتر ۽ بدليل روپ ۾ نظر اچن.

ان موقعي کي غنيمت سمجهندي ٻار جي انفرادي اصلاح، گهر جي ماحول ۾ بهتري ۽ ٻارن جي تربيت جي لاءِ باقاعده رٿابندي ڪرڻ گهرجي. اهڙي طرح استادن جي بہ ذميواري آهي تہ اهي بہ ان سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي موڪلن کان پهريان ٻارن کي ڪلاس روم ۾ هڪ ورڪشاپ جي ذريعي موڪلون گذارڻ جي حوالي سان اهو احساس ڏيارن تہ موڪلون سندن لاءِ تڏهن ئي فائديمند ثابت ٿي سگهن ٿيون، جڏهن اهي پنهنجو هر ڪم مقرر وقت تي ڪرڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهندا. مثال طور سوير سمهڻ، سوير اٿڻ وغيره.

واضح رهي تہ موڪلن ۾ عام طور ٻارن جي سمهڻ ۽ اٿڻ جو وقت سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿئي ٿو، ڇو تہ عام طور موڪلن ۾ ٻارن جون سرگرميون اسڪول جو ڪم، راند روند ۽ ٽي وي ڏسڻ وغيره تائين محدود هونديون آهن، تنهنڪري هو گهڻي دير تائين رات جو موبائل فون استعمال ڪرڻ يا ٽي وي وغيره ڏسڻ سبب رات جو دير تائين جاڳن ٿا، نتيجي ۾ صبح جو دير سان اٿن ٿا. اهڙي قسم جي عادت اسڪول کلڻ کانپوءِ ٻارن کي پريشان ڪري ٿي، تنهنڪري جيڪڏهن استاد بہ ڪجهہ نصيحت شاگردن کي ڪن ۽ باقي شيون والدين سنجيدگيءَ سان ڏسن تہ موڪلن سبب ٻارن سان پيش ايندڙ مسئلا گهڻي حد تائين حل ڪري سگهجن ٿا.

والدين کي گهرجي تہ ٻارن جي صبح سوير اٿڻ واري عادت کي برقرار رکڻ لاءِ کين صبح جي نماز پڙهڻ جو پابند ڪن تہ جيئن انهن جي زندگيءَ ۾ نظم ۽ ضبط پئدا ٿي سگهي. ان سان گڏ موڪلن ۾ ٻار جيڪڏهن ٽي ڪلاڪ بہ دل لڳائي پڙهن تہ سندن پڙهڻ جي صلاحيت بهتر ٿيندي ويندي. ٻارن کي پنهنجي روزاني پڙهائيءَ سان گڏوگڏ ڪجهہ مختلف ڪم ڪرڻ جي بہ ڪوشش ڪرڻ گهرجي. هر وقت موبائل فون جو استعمال، ٽي وي، فلمون ۽ ڪارٽون ئي صرف نہ ڏسڻ گهرجن پر جن گهرن ۾ انٽرنيٽ جي سهولت موجود آهي تہ، سمجهو انهن وٽ پوري دنيا آهي.

ٻارن ۾ عمومي مطالعي جي عادت وجهو، انهن جي جنرل ناليج ۾ اضافو ڪيو ۽ انٽرنيٽ ذريعي انهن کي پوري دنيا جو سير ڪرايو. اڄڪلهہ جي ٻارن جو هڪ وڏو ۽ اهم مسئلو انهن جي هينڊ رائيٽنگ سٺي نہ هجڻ آهي، جنهن جو سبب تّختي (پَٽي) نہ لکڻ جي عادت آهي ۽ اهو ڪم موڪلن ۾ با آساني ڪري سگهجي ٿو.

ڪجهہ ٻارن کي انگريزي ۽ حساب جا مضمون ڏکيا لڳندا آهن، جڏهن تہ انگلش ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهندڙ ٻارن کي وري پنهنجي مادري زبان لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ ڏکيائي پيش ايندي آهي، تنهنڪري موڪلن ۾ انهن ٻارن کي انهن مضمونن ۾ ڪنهن ماهر استاد جي ذريعي رهنمائي ڏياري وڃي تہ جيئن اهي پنهنجون ڪمزوريون ختم ڪري سگهن. ان کان علاوه ٻارن کي ڪمپيوٽر سکڻ گهرجي، پنهنجي ٽائيپنگ اسپيڊ وڌائن، گهر ۾ ٻوٽا لڳائن، پنهنجي گهر ۾ موجود پالتو جانورن ۽ پکين جي سار سنڀال لهن ۽ پنهنجي گهر کي صاف سٿرو رکن وغيره. ■

ghbukhari@gmail.com

ڪتاب: رينڊم ڪلڪس (ڪالم ۽ ڪهاڻيون) _ ليکڪ: روشن شيخ

# روشن شيخ هوريان هوريان پنهنجو ادبي قد وڌائي رهيو آهي

ديدار معصوم



نثري نظم لکڻ کانپوءِ روشن شيخ جو هاڻي رخ ڪالم نگاري ۽ ڪهاڻيون لکڻ ڏانهن آهي. تازو سندس ڪتاب ”رينڊم ڪلڪس“ آهي جيڪو ڪالمن ۽ ڪهاڻين تي مشتمل آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيترين ئي اهڙين سٽون زندگيءَ سان لاڳاپيل مليون، جيڪي هلندڙ دور جي ماڻهوءَ جي نمائندگي ڪندڙ آهن. سچ اهو آهي ته لکڻ به ان ڪي ئي ڇٻبو آهي، جنهن ۾ معاشري جي عڪاسي ٿيل هجي، ۽ هر تحرير هر ماڻهو پنهنجي ڪهاڻي سمجهي.

هن ڪتاب جي پهرين ڪالم ”سيلف پورٽريٽس“ مان ڪجهه سٽون هتي ڏجن ٿيون، جيڪي نج ڳوٺاڻي ماحول جي عڪاسي ڪن ٿيون: ”اسان جا وڏڙا هارپو ڪندا هئا ۽ پترون ٺاهيندا هئا، ۽ گهرن ۾ عورتون واندڪائيءَ واري وقت ۾ پنڊيون ٺاهينديون هيون. ائين گهرن جو چرخو مڙئي هلندو هيو. گهر ڪچا هوندا هئا، پر رشتا پڪا هوندا هئا.“

مان سوچيندو آهيان ته، روشن پلي ڪيترن ئي ورهين کان شهر ۾ رهي ٿو، پر سندس روح جو ناتو ڳوٺاڻي ماحول سان جُڙيل آهي. اهو ان ڪري ته ابل واهه جي جي هُن پر ڪجين ۽ انبن جا باغ آهن ۽ ڪاٻي ڪان ڪچين جُهڳين واري هڪ ڳوٺڙي جو وٽندڙ منظر آهي ۽ ساڄي پاسي ڪان هڪ وڏيري جو بنگلو آهي، جيڪو روشن شيخ جي ذهن ۾ ڪيترائي سماجي پهلو ۽ ڪيفيتون پيدا ڪري سندس دل جي ڪينواس تي لفظن جي برش سان ڳوٺاڻا منظر چِٽي ٿو. هن ابل واهه جي ڪناري تي ويهي اهو سڀ منظر ڏٺا آهن.






روشن سماجي معاملن جو بهترين ڪالمنگار ۽ ڪهاڻيڪار آهي. وٽس لفظ لکڻ لاءِ پيش ٿيندا آهن ۽ ڪيفيتون ڪيس نمي سلام ڪنديون آهي.

ڪهاڻي لکڻ ذات سان گڏ هڪ ڏانءُ به آهي، جيڪو انتهائي پيچده رستو آهي. ڪهاڻي لکڻ تي مشق به روشن شيخ جي ادبي قد کي وڌائي ٿي. سندس هڪ ڪهاڻي آهي ”ننيڙن ڪلهن وارا وڏا مزور.“ جنهن ۾ معذور مزور جي محنت ۽ حوصلي کي مک ڪردار طور لکي هن پڙهندڙ جي اندرَ ۾ ڪيترائي احساس جاڳايا آهن.

روشن شيخ جو قلم، اهم ڪردارن جي ڳولا ۾ رهي ٿو، ۽ جيئن ته هيءُ پاڻ به هڪ پورهيت رهيو آهي، ان ڪري اهڙا ڪردار سندس پسند وارا آهن.

مان روشن کي گذريل ٽيهن ورهين کان سڃاڻان ٿو. سندس اٿڻ ويهڻ ۽ ياريون دوستيون ڪيس ورثي ۾ مليل آهن _ ۽ سڀ کان سٺي ڳالهه اها آهي ته هيءُ بنا ڪنهن جي فرق جي اديبن سان محبت ڪندو آهي، تڏهن ئي ته ادب جي دنيا ۾ هيءُ هوريان هوريان پنهنجا پير پختا ڪري پنهنجو ادبي قد وڌائي ويو آهي.

هن ڪتاب جو خوبصورت ٽائيٽل سنڌ جي نامور آرٽسٽ، پروفيسر سعيد منگي ٺاهيو آهي، جڏهن ته مهاڳ ناليواري ڪهاڻيڪار، مقالا نگار ۽ سچل ايواڊ يافته ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل لکيو آهي ۽ بيڪ ٽائيٽل تي سنڌ جي خوبصورت شاعر ۽ نثر نويس آس ٻبر پنهنجي راءِ لکي آهي. ان سان گڏ هڪ فليپ تي مشهور قانوندان، سهڻي انسان ۽ بهترين نثرنويس سائين محمد علي سهتي جي راءِ لکيل آهي ۽ ٻئي فليپ تي مون ناچيز جي راءِ شايع ٿيل آهي. اميد آهي ته مرڪ پبليڪيشن پاران شايع ٿيل هيءُ ڪتاب ادب جي سنسار ۾ مڃتا ماڻيندو. ■

## نيڪيءَ جو ڪم

اسان وٽ عام طور تي قبرستانن تي ڪو ڌيان ناهي ڏنو ويندو. اهي نظرانداز ٿيل ماڳ هوندا آهن. جڏهن ته ٻاهرين ملڪن ۾ انهن جو وڏو خيال رکيو ويندو آهي. اُتي قبرستانن جي حفاظت سان گڏ گل ٻوٽا پڻ لڳايا ويندا آهن. اسان وٽ ته قبرستانن جي زمينن تي پڻ قبضا ڪيا ويندا آهن. ان جي ابتڙ ڪليانا ڪميونٽيءَ جي مرحوم معين خان جي خاندان، خاص طور تي ڊاڪٽر سعد معين، فيصل خان ۽ سندن ٻين گهرڀاتين جي ڪوشش سان تازو ڪليانا قبرستان ۾ هڪ نئون ۽ مضبوط مرڪزي گيٽ لڳايو ويو آهي، جنهن سان قبرستان جي حفاظت، خوبصورتي ۽ انتظام ۾ نمايان بهتري آئي آهي. ان سان گڏ انهن قبرستان جي ويجهو قائم ڪچري جي ڪنديءَ کي به مناسب هنڌ تي منتقل ڪرائي صفائي، ماحولياتي سڌاري ۽ قبرستان جي تقدس کي برقرار رکيو آهي. سندن اهڙي عمل کي برادريءَ پاران ساراهيو ويو آهي.

ٻئي طرف انجمن مسلمانان ڪليانا، پاڪستان ان سماجي، فلاحي ۽ برادريءَ جي خدمت کي ساراهيندي خدمت ڪندڙن کي دل جي گهرائيءَ سان خراج تحسين پيش ڪيو آهي. انجمن پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو آهي ته، اهڙي قسم جا فلاحي ۽ اجتماعي قدم نه رڳو موجوده نسل پر ايندڙ نسلن لاءِ پڻ هڪ بهترين مثال آهن. انجمن مسلمانان ڪليانا ان عزم جو اظهار ڪيو ته برادري اهڙن مخلص ۽ خدمتگار ماڻهن جي خدمتن کي هميشه عزت ۽ احترام سان ياد رکندي، جيڪي ذاتي مفادن کان مٿانهان ٿي اجتماعي ڀلائي لاءِ پنهنجو وقت، وسيلا ۽ صلاحيتون وقف ڪن ٿا. ■

# ٿوري ٿوري قيمت تي ڪپايل خواب

علي لاشاري



رات جو شهر جون بتيون روشن ٿي چڪيون هيون. هڪ مهانگي هوٽل جي شيشي واري دروازي مان ويهن ورهين جي پريسا ٻاهر نڪتي. سندس هٿ ۾ قيمتي موبائل، ڪلهي تي برانڊڊ ٿيلهو ۽ چهري تي اهڙي مرڪ هئي، جيڪا خوشيءَ کان وڌيڪ خوبصورت ادا لڳي رهي هئي.

سامهون سندس يونيورسٽيءَ جي ساهيڙي ۽ روم ميٽ سلينا اتفاق سان پنهنجي پيءُ سان گڏ ٽئڪسي جي انتظار ۾ بيٺي هئي.

سلينا پنهنجي پيءُ کان ٿورو تڪڙو اڳتي وڌندي هن کي چيو: ”اڙي پريسا، تون هتي ڪيئن؟“

پريسا ٿوري گهٻرائجي وئي، پوءِ کلندي چيائين: ”دنيا گول ۽ ننڍڙي آهي سلي، ماڻهو ڪٿان ڪان ڪٿي پڄي ٿو وڃي.“

سلينا هن ڏانهن غور سان نهاريو. غور سان ان ڪري ڏٺئينس جو پريسا روم تي پنهنجي خانداني ۽ عزتدار هئڻ جي باري ۾ وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪري، ۽ وڏائي چڙهائي ٻڌائيندي هئي.

”۽ محبت جيڪا تون يونيورسٽيءِ ۾ گلفام سان ڪندي آهين، ان جو ڇا؟“

پريسا مرڪندي چيو: ”محبت؟ چري سلي... ڪهڙي محبت؟ محبت نالي ڪا به شئي ناهي هِن دنيا ۾...“

....

ڇهه مهينا گذري ويا. هاڻي روم تي پريسا احوال ڪرڻ ڇڏي ڏنا. سلينا سان اک نه ملائي سگهندي هئي ۽ ڳالهائڻ کان لنوائڻ لڳي. گلفام کي لفٽ نه هجڻ جي برابر هئي. ان سان گهٽو گهمڻ ۽ رولڻ ماپڻ گهٽائي ڇڏيئين، ڇو ته مائٽن فون تي سندس رشتي جو ذڪر ڪري ڇڏيو هو. گهٽو ڦٽڪي لڇي ڪڇي پر هڪ نه ٻڌئونس. آخر آخري سيمسٽر به خير سان پورو ٿيو ته پريسا پنهنجو سامان، جيڪو هن گڏ ڪري ڪٻٽ پري ڇڏيا، سهيڙي نيٺ گهر واپس اچي پهتي.



سندس گهر ۾ خوشيون عروج تي هيون. بس سندس پهچڻ جو انتظار هيو. سندس مائٽن هن جي شادي هڪ چوڪري سان چوڪري سان طئي ڪري ڇڏي هئي. چوڪرو پڙهيل لکيل، عزتدار ۽ سٺي خاندان مان هئو.

رات جو پاڙي جون مايون سهرا ڳائي رهيون هيون. پريسا پنهنجي ڪمري ۾ اڪيلي ويٺي هئي. خيال آيس ته سامان ٿيلهن مان ڪڍي پنهنجي گهر جي ڪٻٽ ۾ سيٽ ڪري رکي. اٽي خيالن ۾ گم سم رهندي وک وک کڻندي، الماري کوليئين جيئن سامان رکڻ شروع ڪيائين ته ڪيس اهي قيمتي تحفا نظر آيا ٿيلهن ۾ ، جيڪي ڪيس مختلف مردن کان مليا هئا. هن هڪ هڪ ڪري اهي سڀ هٿ ۾ کنيا ۽ ڏسي واپس ٿيلهن ۾ رکي ڇڏيا.

دروازي جي کلڻ جي آواز سان ڇرڪي پئي. سندس ماءُ ڪمري ۾ گهڙي آئي ۽ کيس چوڻ لڳي: ڌيءَ، سڀاڻي تنهنجي نئين زندگي شروع ٿيندي.“

پريسا جون اکيون پُرجي آيون.

”امان، ڇا هر نئين زندگي، پراڻي زندگيءَ کي دفن ڪرڻ سان شروع ٿيندي آهي؟“

ماءُ ويچاري اٻوجهه، ڌيءَ جي سوال جو جواب نه ڏئي سگهي.

....

شادي ٿي وئي. مائٽن جي پسند وارو چوڪرو مليو هن کي. مڙس نيڪ طبيعت ۽ خيال رکڻ وارو ۽ انسانيت پسند هو. هن پريسا کي عزت ڏني، اعتماد ڏنو ۽ ماڻُ ڏنو. سادو ۽ سڌو ايترو جو پريسا کي چوندو هو: ”مون کي انتهائي خوشي آهي جو منهنجي زندگيءَ ۾ تون پهرين ۽ آخري محبت آهين.“

اهو ٻڌي پريسا جي اندر ڪا شيءِ شيشي وانگر ٽُٽڻ لڳندي هئي ۽ اندر ئي اندر سوچيندي هئي ته: ”هي مون تي ڪيترو نه يقين ڪري ٿو، پر مون ڪڏهن به پاڻ تي يقين ناهي ڪيو.“

ڪافي ڏينهن ڪانپوءِ هڪ ساهيڙي ساڻس ملڻ آئي، جنهن پڇيس: ”ڌي خبر، تون هاڻي ته خوش آهين نه پنهنجي نئين زندگيءَ ۾؟“

پريسا دريءَ مان ٻاهر نهاريندي وراڻيو: ”سک ۽ سڪون به الڳ شيون آهن. پئسي ته مون کي آسائشون ڏنيون، پر سڪون نه.... مائٽن جي پسند مون کي گهر ته ڏئي ڇڏيو، پر منهنجي اندر جا سوال اڃا به بي گهر آهن.“

هوءَ ڪجهه پل خاموش رهي، پوءِ آهستي چيائين:


”اسان جي سماج ۾ ڇوڪريءَ کي ننڍپڻ کان سيکاريو وڃي ٿو ته عزت سنڀال، پر ڪو به اهو نٿو سيکاري ته پنهنجي دل، پنهنجي ضمير ۽ پنهنجي چونڊ جي به عزت ڪر، ان کي به ماڻُ ڏي.“

ساهيڙيءَ حيرت مان پڇيس: ”پوءِ سڀ کان وڏو نقصان ڪهڙو ٿيو تنهنجو؟“

پريسا جون اکيون آليون ٿي ويون. چيائين: ”مونکي ڪنهن مرد خريد نه ڪيو، مون مان پاڻ پنهنجي خوابن کي ٿوري ٿوري قيمت تي وڪڻي ڇڏيو.“ ائين چئي هوءَ خاموش ٿي وئي.


پوءِ اُٿي دريءَ کان ٻاهر ڏٺائين. روشني اڃا به آسمان تي پکڙيل هئي، پر سندس اندر هڪ اهڙي انڌاري ۾ ورتل هو، جيڪو شاديءَ سان روشن نه ٿي سگهيو هو.

سندس ساهيڙي هلي وئي ته پريسا دل کولي رني. ■




# غزل

## وسيم سومرو



ڪا شام سنيارڻ سان ، تو سڄ لٽي مون ۾
تو ساڻ ملڻ جا ڪي، تو گهاٽ گهٽي مون ۾

پيو ڏيک ڏسي مون ۾ پيلڻ جون نگاهون تي
چا رنگ پريا آهن، ست رنگ پٽي مون ۾

ميهار جيان بيهي، مهراڻ ڏسان بيٺو
ڪيڏيون نہ ستيون لهرون سُهڻيءَ جي گهڙي مون ۾

پرديس ڪٽي پنهنجو، ان ساڻ اچي ملندس
جا روز محبت جا تي چڄ چڙي مون ۾

بدنام شڪاريءَ جيئن ڪنهن خواب ڪُٺا منهنجا
سُرخاب پکين جهڙو تو خون ڳڙي مون ۾

بي روح بدن اندران مان ساهہ ڪٽي جاڳيس
چانڊاڻ سُرن جي ڪئي جنهن ويل چڙي مون ۾

دل جاءِ مسڻ وانگر ويران دکن ڪئي آ
ڪنهن لاش بهاني تو لوبان سڙي مون ۾

مان روز ڏئي چوڳو اپَ ڏانهن اُڏاريان تو
تون روز ولر ناهين تو ڪانگ تڙي مون ۾

انسان جديديءَ جو مان درد قديمي هان
تو ڏينهن ڏُکي مون ۾ تي رات رڙي مون ۾

ريڙهيون بہ ڏئي پڪ آ منزل کي اچي رسندس
دُشمن تہ چِڏي ويو آ ٻئي پيرَ ڪٽي مون ۾.

نيلام ڪڏهن ٿيندس مون کي بہ خبر ناهي
تو وقت ڏسي مون کي پُڪراج جڙي مون ۾

هو هرڪ اچي جيئن ها بي عيب وسيم سيئي
بي انت ڏِٻن جيئن ها سي عيب اڙي مون ۾

# غزل

## راحت نياز پٽو



نندڍ جو ڪو نشان ڪونهي ڪو
عشق پنهنجو ڏيان ڪونهي ڪو

پنهنجي سِر مُفلسي آهي بيٺي
پنهنجي سِر آسمان ڪونهي ڪو

وقت ٿو سيڪندن جيان گذري
تنهنجو مون تي ڌيان ڪونهي ڪو

عاجزي کان سواءِ ئي جڳ ۾
شخص ڪوئي مهان ڪونهي ڪو

عُمر ساري سفر ۾ آهيون چڻ
پنهنجو هڪڙو مڪان ڪونهي ڪو

بيوفا کان وفا ملي ويندي
آسرو ۽ گُمان ڪونهي ڪو

رات راحت نشا ڪيا نيڻن
رات جو ڪو بيان ڪونهي ڪو

# غزل

## امر آفتاب سومرو

عڪس تنهنجو نظر ۾ رهجي ويو
من سڄو تنهنجي اثر ۾ رهجي ويو

چنڊَ راتين ۾ تنهنجو ناءُ ڪنيم
ساهہ ساروئي سحر ۾ رهجي ويو

تنهنجي مرڪن جي مهڪ سانگي
دل محبت جي شهر ۾ رهجي ويو

وصل جا چار پل مليا جي
درد صدين جي سفر ۾ رهجي ويو

تون تہ منزل ڏانهن هلي وئين
مان اڃان ڪنهن رهگذر ۾ رهجي ويو

وقت جي تيز وهڪرن آڏو
پيار پنهنجو ڀنور ۾ رهجي ويو

روز روزي جي فڪر خاطر
خواب هر هڪ پگهر ۾ رهجي ويو

ڪو تہ پنهنجن جو ساٿ ڏيندو هو
پر هر هڪ پنهنجي گهر ۾ رهجي ويو

دل دعا جي ڏيئي وانگر
رات ساري سحر ۾ رهجي ويو.

هاڻ ”آفتاب“ عشق جو قصو
هر پڙهندڙ جي نظر ۾ رهجي ويو.

# نثري نظم

## صائمہ سومرو



وسندڙ بارش ۾
پٽائي ڳائيندي
مون چو رُنو
اهو پتو برسات کي
ناهي۔
سماج کي پرواهہ ناهي تہ
منهنجا ٽهڪ اغوا ٿي ويا آهن
ويندڙ ريل گاڏي
پليٽ فارم تي
ڪيڏا وڇوڙا ٿي ڇڏي وڃي
اهو پتو ان مسافر کي آهي
جنهن
روئندي ريل جو سفر ڪيو آهي۔
چانڊوڪي ۾ آئون
سمنڊ تي بيهي
ان طوفان کي ڏسي رهي آهيان
جيڪو ڪجهہ وقت ۾ ڪنارن تي تباهي
ڪٽي ايندو۔

# غزل

## ساگر صفي اللّٰہ شر



دل کي رکيو آ مون سنوارڻ لاءِ
سورن کي ساهہ ۾ سمائڻ لاءِ

رات جا ڏيئا جاڳندا رهندا
تنهنجي راهن ۾ رنگ ورهائڻ لاءِ

چنڊ پاتيون اُفق منجهان جهاتيون
تنهنجو چهري کي چِتائڻ لاءِ

عشق آيو تہ روح مهڪي پيو
زندگيءَ کي گل بڻائڻ لاءِ

وقت پنهنجا سبق پڙهائي تو
ماڻهپو دل ۾ جاڳائڻ لاءِ

درد آيو تہ دوست ٿي بيٺو
مون کي مضبوط بڻائڻ لاءِ

لفظ ڪاغذ تي رقص ڪن ٿا
تنهنجي يادن کي اڄ بہ ڳائڻ لاءِ.



## نظم

# ۽ پوءِ...

رات جي آخري گهڙي هئي
چنڊ پنهنجو چهرو
ڪنول جي پنن ۾ لڪائي ويٺو
تارا پنهنجي روشنيءَ جي ٿڪاوٽ کي
پلڪن جي هيٺان لڪائڻ ۾ مصروف هئا
۽ ڪنهن اڻ ڏٺل ڪنڊ ۾
هڪ ننڍڙو ڏيئو
اونداهي سان وڙهندي
ساهن جي آخري ڳڻپ ۾ هو.

ڪارڊيڪ آءِ سي يو جون اڇيون پٽيون
روشني جي وڇايل ڇهرن کي
پنهنجي سفيديءَ ۾ ڳولينديون رهيون
ٿون... ٿون... جي ذاتي آواز ۾
ساهن جي ڳڻپ
پاڻيءَ وانگر وهي رهي هئي
۽ گهڙيال جي سُئي
پنهنجي ئي پاڇي کان ڊڄندي
وقت کي ماپيندي رهي.

هوا، جيڪا ڪڏهن
پنهنجن پيرن تي هلندي هئي
هاڻي برف ۾ بدل هئي
لفظ، جيڪي ڪڏهن
پکين وانگر اڏامندا هئا
هاڻي شيشي جا پن ٻڻجي
هٿن مان ڇٽي ويا
۽ چپن تي سڪيل جملا
پنهنجو آواز
وقت جي اونداهي ڪناري
ڇڏي ويٺا.


پر ان سڀ جي باوجود
ڪنهن اڻ ڏٺل ڪنڊ ۾
هڪ ننڍڙي لاٽ
پنهنجي آخري نيري ذري سان
ساهه جهلي بيٺي هئي.

اها لاٽ نه سج هئي، نه چنڊ
نه ڪنهن معجزي جي اوچتي باهه
رڳو انسان جي اندر رهيل
گرمي جو آخري ذرو
جيڪو راڪ جي نرم چادر هيٺ
پنهنجي وجود جو ثبوت
ڏيندو رهيو.

۽ جڏهن راڪ جي خوشبو گهٽجي وئي
۽ پتين جو سيءُ ڳرڻ لڳو
تڏهن روشني بنا آواز جي
وقت جي اک ۾ گهر ڪري ويئي
سيئي در پاڻمرادو کلي ويا
پر ڪنهن به هٿ
انهن درن تي دستڪ نه ڏني.

۽ پوءِ...
هڪ آواز آيو
پر اهو ٿون... ٿون نه هو
اهو نه هوا هئي، نه پاڻي
اهو رڳو...
ڪنهن اڻ ڏٺل اک جو
پلڪن جي هيٺان
آخري پيرو کُلڻ جو آواز
۽ اهو آواز
سيني درن کي بند ڪري ڇڏيو
سيني روشنين کي ٻوڙي ڇڏيو
۽ وقت کي
پنهنجي ئي قيد ۾
هميشه لاءِ بند ڪري ڇڏيو. ■

# علي صفدر جي هِن شاعريءَ ماڻهو روئاريا آهن: ’الئہ ڪيئن ٿا جيئن ماڻهو!‘



نوجوان شاعر علي صفدر جي وڇوڙي ڪانپوءِ، سندس شاعريءَ جو جڻ نئون جنم ٿيو آهي. سندس شاعري پڙهجي ٿي، اُها ڳائجي ٿي، ۽ اُها ٻُڌجي ٿي. جڏهن هيءُ غزل نينگري_ آمنہ خان چانڊيو جي آواز ۾ بنا سازن جي سوشل ميڊيا تي پهتو ۽ جن بہ هڪ ڀيرو ٻڌو، سي بارَ بارَ ٻڌڻ لڳا. مون سان بہ ائين ئي ٿيو. درد رڳو شاعريءَ ۾ ناهي، احساس رڳو شاعريءَ ۾ ناهي، تمنا ۽ معصوم خواهش رڳو شاعريءَ ۾ ناهي، پر جنهن ٻارڙيءَ ان کي پنهنجو آواز ڏنو آهي، تنهن اِن شاعريءَ سان گڏ علي صفدر کي امر ڪري ڇڏيو آهي.

سنڌ جا سڀ لکيا پڙهيا دوست چون ٿا، اسان جي هن نوجوان




شاعر جو دردناڪ وڇوڙو ٻن بيمارين سبب ٿيو: ”هڪ ڪينسر ۽ ٻيو غربت.“ ها! اهي بيماريون زندگيءَ جون دشمن آهن، سونهن، پيار ۽ جياپي جون دشمن آهن. تڏهن ئي تہ علي صفدر وڏي حيرت مان هيءَ سِٽ لکي:

”الئہ ڪهڙو جياپو آ، الئہ ڪيئن ٿا جيئن ماڻهو.“

واقعي الائي ڪيئن جيئن ماڻهو!!

_انور

## غزل

### علي صفدر

گُڏيءَ جي لئہ ٻہ ٽي جوڙا، گُڏي لئہ چنگ وٺيون ايندس
ابا سان شهر جو ويندس، نَهن جو رنگ وٺيون ايندس

پڙي انهيءَ تي پي ويندس، جتي ٿا شهر وڪرو ٿين
ٺَهياسين جي نہ ڪنهن مُلهہ ۾، تہ هڪڙو جهنگ وٺيون ايندس

اڃان مس ننڊ جو جهٽڪو اچي، جاچيان اکيون غائب
اُڇاتر ٿي پيون آهن اکين لئہ _ ونگ وٺيون ايندس

بَچيا ڏوڪڙ تہ اي سرتي، ٻہ ٽي ڪاريون هي ڪڪريون ڇا
مان تنهنجي ٿر اُجاري لئہ سڄو سارنگ وٺيون ايندس

الئہ ڪهڙو جياپو آ، الئہ ڪيئن ٿا جيئن ماڻهو
مليو بازار ۾ جيڪر جيئڻ جو ڍنگ وٺيون ايندس.

Far from Maine

# فلسطين جي تاريخي تڪرار کي تمام گهڻو ذاتي ۽ انساني انداز ۾ پيش ڪندڙ فلم




فارفرام مائن (Far from Maine - 2026)هڪڙي ڏکوئيندڙ 99 منٽن جي دستاويزي فلم آهي، جنهن جو ڊائريڪٽر روئي ڪوهن (Roy Cohen)آهي. هيءَ فلم هڪ فلسطيني نوجوان سان سندس ننڍپڻ جي دوستي کي ياد ڪري ٿي، جنهن کي سال 2000 ع ۾ اسرائيلي پوليس قتل ڪري ڇڏيو هو. فلم هڪ سينيميٽڪ ليٽر فارميٽ کي استعمال ڪندي ڏک، سچاٽپ ۽ فلسطين ۾ موجوده وقت ۾ هلندڙ تڪرار جي وڏي نقصان کي بيان ڪري ٿي. ”فار رام مين“ عنوان جو اشارو مين (Maine)۾ قائم ’سيڊز آف پيس‘ (Seeds of Peace)ڪيمپ ڏانهن آهي، جتي هدايتڪار روئي ڪوهن ۽ فلسطيني نوجوان پهريون ڀيرو 1990 ع واري ڏهاڪي جي وچ ڌاري پنهنجي نوجوانيءَ واري دور ۾ مليا هئا.

امن ۽ بقائي باهمي تي ڪنهن روايتي يا وڏيڪ جذباتي انداز اختيار ڪرڻ بدران، هيءَ فلم ڳالهه ٻولهه جي حدن کي پرکي ٿي. هيءَ ان اونهاري جي ڪيمپ کي هڪ اهڙي تجربيگاه جي روپ ۾ پيش ڪري ٿي، جتي ادارتي تضادن ۽ نسلي ورهاست کي وڏي عمر جي حقيقتن کان گهڻو اڳي ئي خاموشيءَ سان آزمايو ويو هو.

پوري فلم ۾، روئي ڪوهن— جيڪو هڪ عرب_يهودي ۽ ڪوئير (queer)فلمساز آهي، پنهنجي ماضيءَ جي يادن ۽ اڄ جي حقيقتن جي وچ ۾ شاعراڻي انداز ۾ سفر ڪري ٿو. روئي ڪوهن پنهنجي فوت ٿيل دوست کي مخاطب ٿيندي، سوال ڪري ٿو ته فلسطيني نوجوان ان علائقي جي پيچيدگين ۽ وڌندڙ ويڇن کي ڪيئن منهن ڏئي ها. نقادن ان فلم جي تعريف ڪئي آهي ته هن هڪ تاريخي تڪرار کي تمام گهڻو ذاتي ۽ انساني انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جنهن ۾ وسيع پيماني تي ٿيندڙ تشدد کي هڪ اهڙي نوجوان جي مخصوص موت سان جوڙيو ويو آهي، جيڪو ڪڏهن امن تي يقين رکندو هو.



هن فلم کي بين الاقوامي سطح تي وڏي پيماني تي ساراهيو ويو آهي ۽ ان ڪيترين ئي اهم ڪاميابيون حاصل ڪيون آهن. ان کي ڪوئير ميڊيا سوسائٽي ايوارڊ پڻ مليو. هن فلم ميونخ فلم فيسٽيول ۾ بهترين ”نان_فڪشن ڪوئير فلم“ جو معتبر ايوارڊ کٽيو آهي. هن فلم کي ٿيسالونيڪي فلم فيسٽيول ۾ پڻ بهترين بين الاقوامي دستاويزي فلم جو ايوارڊ مليو هو.

هيءَ فلم دنيا جي ڪيترن ئي معتبر فلمي ميلن ۾ نمائش لاءِ چونڊي وئي آهي، جن ۾ انٽرنيشنل فلم فيسٽيول روٽرڊيم به شامل آهي. هن تاريخي فيسٽيول ۾ فلم جو ورلڊ پريميئر (دنيا ۾ پهريون ڀيرو نمائش) ٿيو. ميونخ فلم فيسٽيول ۾ فلم جي ڊائريڪٽر روئي ڪوهن پنهنجي فيملي سان گڏ شرڪت ڪئي ۽ ايوارڊ حاصل ڪيو. ٽرانسلوانيا انٽرنيشنل فلم فيسٽيول ۾ پڻ هن فلم کي شامل ڪيو ويو. ائٽلانٽا فلم فيسٽيول آمريڪا جي اهم فلمي ميلن مان هڪ آهي، جتي پڻ هن فلم جي اسڪريننگ ڪئي وئي. ان کان علاوه، فلم کي پنهنجي شروعاتي مرحلي ۾ يورپ جي مشهور پليٽ فارمز تي پڻ پيش ڪيو ويو هو، جتي ماڻهن جو پاڻ ڏانهن وڌو ڌيان ڇڪايو. ■